
# سنڌ جي مڇي

## کاري جي مڇيءَ جو مُطالعُو



تحقيق ۽ ترتيب:
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ





Gul Hayat Institute

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌي ٻوليءَ جي جنس- وار ۽ ڏنڌي- وار لغات جي مطالعي واري رٿا جي سلسلي جي ٻيو ڪتاب

# سنڌ جي ميڇي

## پاڱو ٻيو

## ڪاري جي ميڇي جو مطالعو

(سنڌي ٻولي ۽ لغات جي روشني ۾)


تحقيق ۽ ترتيب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ


Gul Hayat Institute


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

١٤١٦هه/١٩٩٥ع

مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

چاپو پهريون: ١٩٩٥ع
تعداد: هڪ هزار

قيمت: ٣٥ روپيا

## ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نيشنل هاءِ وي- نزد سنڌ ميوزيم
حيدرآباد- سنڌ
71000

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ميشرس آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# عنوانن جي فهرست

صفحا

مهاڳ

پاڱو پهريون: گهاتو، گهور ۽ گهاوا ١١

- گهور ڪندڙ گهاتوئن جا لفظ ۽ اصطلاح ١١
- مڇيءَ جي گهور ١٤
- رَڇ، پَن ۽ گهاوا ١٥
- رڇ پوڪڻ ١٧

پاڱو ٻيو: مڇي ۽ سمنڊ جا جاندار ١٩

- مڇيءَ کان الڳ جاندار ١٩
- مڇيءَ سان لاڳو جاندار ٢١
  - ميو ٢۴
  - پڻڻ ٢٥
  - بجلي وارو 'شاٽ' هڻندڙ پڻڻ ٢٦

پاڱو ٽيون: ڪاري جي مڇي ٢٧

- ڪاري جي مڇي جو ڪاڙو ٢٧
- آنا ۽ ٻچا ٢٨
- ڪاري جي مڇي جون ڪي خاص جنسون ٢٨
  - سانا ۽ هڪمر ٢٨
  - ڪڳي مڇي ٣١
- مڇيون جيڪي مٺي مني درياءَ ۾ چڙهن ٣٣

Gul Hayat Institute

• ننڍيون مڇيون ٣٤
• وڏيون مڇيون ٣٥
• ڪائنٽ ۾ لذيذ مڇيون ٣٦
• ڊِرڪنڊڙ (آواز ڪندڙ) مڇيون ٣٧
• مڇي جيڪا سگريٽ پيئي ٣٩
• مڇي جيڪا اڏامي ٿي ٣٩
• مڇي جيڪا ٻلب ٻاري ٣٩
• مڇيءَ جو ملڪ ۾ مستقبل ٣٩

## ڀاڱو چوٿون: مَنگر ۽ منگرا ٤٤

• مڇي ۽ منگر ٤٤
• منگرن جا قسم ٤٤
- وڏا مانگر مڇ ٤٥
- ڊُلفينا ٤٧
- مُنهنارا منگر ٥٠
- شارڪ منگر ٥١
• ڪير پيارينڊڙ منگر ٥٢
• منگرا جيڪي ڪاڇن ٿا ٥٢
• منگر جن جو تيل استعمال ٿئي ٥٣

## ڀاڱو پنجون: ڪاري جون جملي مڇيون

• ڪاري جي مڇين جي نالي- وار فهرست ٥٥

## ڀاڱو ڇهون: ڪاري جا جملي منگر

• ڪاري جي منگرن جي نالي- وار فهرست ٧٨


Gul Hayat Institute

# مهاڳ

هن سلسلي جو پهريون ڪتاب ”سنڌ جي مڇي ياڱو پهريونٰ: مٺي جي مڇي جو مطالعو“ سنہ ١٤١٣هہ ١٩٩٣ع ۾ شايع ٿيو. ان ڪان اڳ، راقم سنڌي ٻوليءَ جي ٻااختيار اداري جي چيرمين جي حيثيت ۾ هڪ رٿا تيار ڪري عمل ۾ آندي هئي تہ جئن سنڌي ٻوليءَ جي جنس-وار ۽ ڌنڌي-وار لغات جو تحقيقي مطالعو ڪري سگهجي. ان رٿا هيٺ، مٺي جي مڇي جو مطالعو پورو ڪيو ويو ۽ ان جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو ويو تہ هن ڪان پوءِ کاري جي مڇي جو مطالعو ڪيو ويندو. ان ڪيل وعدي مطابق، باوجود سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي صدارت تان سبڪدوش ٿيڻ جي ۽ پنهنجين گهڻين مشغولين جي، مون هن ڪتاب کي پورو ڪرڻ ضروري سمجهيو. اداري طرفان، ساموندي ڪناري تائين سفر ڪرڻ جو مناسب انتظام ٿيو، جنهن ڪري هي ڪم وقت سر پورو ٿي سگهيو. مواد جي اتاري ۽ پيٽ، وڌيڪ پڇا ۽ تحقيق، ۽ ڪتاب جي ترتيب ۽ تصنيف تي ٻہ چار مهينا لڳي ويا جو ساڳئي وقت ٻيون مشغوليون بہ هلنديون آيون.

مون پنهنجي دستور موجب، کاري جي مڇي جي



Gul Hayat Institute

مطالعي لاءِ پاڻ ڪاري ۾ وڃي مڇي جي ڏنڊي وارن ڄاڻو ماڻهن سان ملڻ ۽ ڪانئن هرڳالهه بابت پڇڻ ضروري سمجهيو. باوجود انهيءَ جي، تحقيقي نگاه کان هن ڪم کي نباهڻ ايترو سولو نه هو: هڪ ته هن کان اڳ ڪنهن اهڙي پڇا ڪانه ڪئي هئي جو ان مان فائدو وٺي سگهجي، ٻيو ته جيتوڻيڪ مڇي جو ڏنڊو ڪندڙ پنهنجن ماڳن مياڻين لڳ ”اندر“ وارن دريائن توڙي اتان ”ٻاهر“ سمنڊ وارن پاڻين جي مڇي جو تجربو رکن ٿا، پر سواءِ ڪن ٿورن جي ٻين کي ٻين پاڻين جي ڄاڻ گهٽ آهي. ڪن مڇين ۽ منگرن جا نالا به ڪن وٽ هڪڙا ته ڪن وٽ ٻيا: مڇين يا منگرن جي جدا جدا جنسن جي ڊيگهه يا وزن جي ڄاڻ جو مدار به هر گهاٽو جي پنهنجي تجربي تي آهي جو ڪنهن اها ساڳي مڇي ننڍي ڏني ته ڪنهن اها گهڻو وڏي ڏني.

هن مطالعي لاءِ هڪ اصول مقرر ڪيو ويو ته هر جنس جي وڏي ۾ وڏي مڇي جي ڊيگهه ۽ تور لکجي. سيني ڪڇرين ۾ اها ڳالهه ورائي پڇي وئي. باوجود انهيءَ جي، شاهبندر کان وٺي ماريپور ۽ يونس آباد تائين ڪن جنسن ۽ نالن بابت جدا جدا رايون مليون. ڪن جنسن جا ته فقط نالا مليا. انهيءَ ڪري باوجود ڪيل محنت جي، هيءَ مطالعو هڪ ابتدائي

Gul Hayat Institute

ڪوشش آهي جنهن کي اڳتي هلي مڪمل ڪرڻو آهي.

افسوس جو ملڪ جا صوبائي ۽ مرڪزي ڪاتا ۽ ادارا جيڪي مڇيءَ جي مطالعي، واڌاري ۽ حفاظت سان واسطو رکن ٿا ۽ جيڪي سالن کان وني ڪونہ کو ڪم ڪري رهيا آهن، تن سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪاري جي مڇين توڙي ملڪ اندر مٺي پاڻي جي مڇين جو تحقيقي مطالعو نہ ڪيو آهي: نہ انهن ڪاتن ۽ ادارن مٺي ۽ ڪاري جي مڇين ۽ منگرن جا فوٽا ڪڍي محفوظ ڪيا آهن ۽ نہ وري انهن کي مڇين ۽ منگرن جا مقامي نالا معلوم آهن جن سان مُلڪي ماڻهو انهن کي سڃاڻن ٿا. انهن ڪاتن ۽ ادارن جي جاڻ ٻاهران ڇپيل فوٽن ۽ ڪن انگريزي نالن تائين محدود آهي.

مڇين، منگرن ۽ ٻين جاندارن جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو ويو آهي سو هوند وڌيڪ ڪارگر ٿئي جيڪڏهن نالن سان گڏ شڪليون بہ نظر اچن. هن سلسلي ۾ عربي سمنڊ جي ڪن مڇين منگرن جي شڪلين جا ڪي ڇپيل خاڪا (۱) دستياب ٿيا جن

(۱) ”عربي سمنڊ جي مڇي“ (Fish of the Arabian Sea) جي عنوان سان ہ چارٽ، مڇين منگرن وغيره جي عربي ۽ سائنسي نالن سان، ڊينمارڪ جا ڇيل ۽ پور بندر (هندوستان) جي واپاري سوسائٽي جا ڇڏرا ڪيل، ڪراچي فشرمين سوسائٽي جي آفيس مان دستياب ٿيا.

مان سنڌ جي ڪاري جي ڪن مڇين منگرن وغيره جي سڃاڻپ ڪئي وئي. انهن مان ڪن جون شڪليون نموني طور شامل ڪيون ويون آهن.

هن تحقيقي ڪم جي تڪميل ۾ جن مهربانن مدد ڪئي تن ۾ اهي سڀ سڃاڻ گهاتو گهوربندڙ شامل آهن جن سان يونس آباد، ڪڏي، ابراهيم حيدري، ريڙهي، ڪيٽي بندر، جنگي سر، ساڪري، چوهڙ جمالي ۽ شاهبندر ۾ ڪچهريون ٿيون: جئن تہ حاجي احمد بن ناڪئو علي، پاٽس ايوب، جوسب صديق چنڊياٽي، عمر حاجي يعقوب، هاشم حاجي ڪارو عمراٽي، حاجي قاسم ۽ ٻيا (ابراهيم حيدري)؛ حاجي يوسف خليفو، حاجي قاسم لاڙو ۽ ٻيا (ڪڏو)؛ اسحاق دبلو، شفيع ملڪاٽي، محمد اسماعيل ميمڻ ۽ ٻيا (ڪيٽي بندر)؛ الله جوڙيو نُک داد، الله ڏنو ملاح، محمد عرس باديٽو ۽ ٻيا (چوهڙ جمالي - شاهبندر). حافظ حبيب (چوهڙ جمالي) جدا مواد موڪليو جيڪو پڻ پيٽ لاءِ مفيد ثابت ٿيو.

جن مهربانن جي مدد سان، مٿين ماڳن ۽ اتي جي گهوربندڙن تائين پهچڻ ۽ ملڻ جو موقعو مليو تن مان ڪراچي ۾ محترم علي احمد بروهي ڪافي مدد ڪئي، ۽ وقت ڪڏي مون سان يونس آباد، ڪڏي ۽



Gul Hayat Institute

ابراهيم حيدري واربن ڪڇهرين ۾ شامل رهيو. مرحوم ڄاموٽ ولي محمد ۽ پوءِ سندس لائق فرزند حاجي شفيع محمد، ابراهيم حيدري جي ڄاٽو گهاتوئن ۽ گهوربندڙن سان ملائڻ لاءِ ڪڇهرين جو انتظام ڪيو، ريڙهي جي سربراهه صابو ڄت جي مهرباني سان اُتي جي گهوربندڙن سان ملڻ ٿيو. شاهبندر، چوهڙ جمالي، جَنگي سَر ۽ ڪيٽي بندر جي ڪڇهرين ۾ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ فرزندم علي محمد خان ۽ محترم محمدٰ ابراهيم ڪاڪيپوٽي جي مهرباني سان انتظام ٿيو. سندن ڪيل مدد لاءِ آءٌ مٿين سڀني سڄڻن جو شڪر گذار آهيان.

محترم محمد اسماعيل شيخ جي مهرباني جنهن مواد کي اتاري صاف ڪري پريس ڪاپي تيار ڪرڻ ۽ پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي.

Gul Hayat Institute

حيدرآباد سنڌ نبي بخش

٨ - مئي ١٩٩٥ع

Gul Hayat Institute

# پاڳو پهريون

# ڳهاتو، ڳهور ۽ ڳهاوا

## ڳهور ڪندڙ ڳهاتوئن جا لفظ ۽ اصطلاح

ڪاري وارا، خاص طرح مڇيءَ جي ڳهور ڪندڙ ڳهاتو ۽ ٻيڙياتا ناکئا، ڪي خاص لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪن ٿا جن ڪي سمجهڻ ضروري آهي. انهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

• ڳهاتُبُ يا ڳهاتُو: اهو تجربيڪار ڳهوريندڙ، يا ناکئو، جنهن کي وير جي لهڻ چڙهڻ، موسم ۽ واءَ، ڪاڏي ۽ ڪارِي، نَرَ ۽ مُرَ جي ڄاڻ هجي، ۽ مڇين منگرن جي ماَڳن ۽ انهن جي هل چل کان باخبر هجي.

• ڳهورڻ، ڳهور ڪرڻ: شڪار لاءِ مڇيءَ کي سمنڊ ۾ جانچڻ ۽ ڳولڻ . ’مڇيءَ جي ڳهور، معنيٰ درياءَ (=سمنڊ) ۾ شڪار لاءِ مڇي جي ڳولا.

Gul Hayat Institute

• ڍرياء: سمنڊ کي درياء سڏين. چوندا درياء اچي ٿو، يعني سمنڊ جي پاڻي ۾ چاڙهه آهي ۽ پاڻي وڌي رهيو آهي.

• اندر يا منجهه: ڪناري سان لاڳو ۽ اندر ڪناري کي ويجهو، تانگهي پاڻي وارو ياڳو.

• ٻاهرِ: ڪناري کان پري وڏو اونهو سمنڊ.

● **ڪاري، ڪاڏِي يا نَرِي:** ڪناري لڳ ’اندر‘ واري پاڱي ۾، هيٺ تري وارا اونهان واهڙ جيڪي ”ٻاهر“ سمنڊ تائين وڃن، ۽ جن مان جهاز ۽ ٻيڙا اچي وڃي سگهن. انهن مان ڪي سنڌوندي جا اڳيان ڇوڙ وارا ڦاٽ آهن.

● **نَرُ:** اها وڏي ڪارِي يا ڪاڏِي جيڪا ’اندران‘ شروع ٿي ’ٻاهر‘ سمنڊ ۾ نڪري.

● **وِيرِ آلُڙ:** يعني وير جو پوڻ يا وير جو چڙهڻ؛ وير جي پاڻي جي چڙهڻ وارو وقت ۽ عرصو. آلُڙ، يعني ويرِ جو لهڻ، وير جي پاڻيءَ جي لهڻ وارو عرصو. ’وير آلڙ‘ جو حساب چنڊ سان آهي. چنڊ اُڀرڻ توڙي چنڊ لهڻ وقت آلڙ پوري ٿئي ۽ وير چڙهي.

● **جُواڻُ:** اهو وقت جڏهن اڳين وِير لهي پوري ٿئي ۽ وري ٻي وير چڙهڻ شروع ٿئي. نئين سِر وير جي پاڻي جو چڙهڻ وارو پُور جنهن ۾ مڇي مٿي چڙهي. اهو مڇيءَ جو جواڻ آهي، يا جواڻ وارو وقت آهي. ڪاري جي تانگهي پاڻي ۾ مينهينِ جي چَرڻ کي بہ ’جُواڻ‘ چون.

●**جَرُ:** يعني چمڪو يا روشني. سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ جَرُ ٿيندو ۽ اهو اونداهي ۾ ٿيندو: ائين جو پاڻيءَ ۾ جڻ روشنيءَ جا داڻا داڻا بجلي وانگر چمڪندا. پاڻيءَ ۾ جَرُ

هوندو تہ مڇيءَ جو شڪار نہ ٿيندو.

● **ساه پَئِي وچڻ:** وِير جو لهي وڃڻ، سُڪَ پَئِي وڃڻ.

● **جُهارُ، جُئَارُ، جُوارُ:** وير جو وڏو چاڙهہ. جُهار هڪڙا ننڍا (روزاني وير جا چاڙهہ) ۽ ٻيا وڏا. مهيني ۾ ٻہ وڏا جُهار ٿين: هڪ پندرهين جو جُهار (١٥ کان ١٨ تاريخ تائين) ۽ ٻيو چنڊ جو جُهار (٢٦ کان ٢٩ تاريخ تائين). آکاڙ ۽ سانوڻ مهينن (جون- آگسٽ) ۾ ڪاڇي (ڏکڻ جي)واءُ لڳڻ سان وڏي ۾ وڏا جُهارَ ٿيندا.

● **ياگَ:** 'جُهار' جو ضد، وير جو گهٽيل چاڙهہ، لاٿ يا لاهہ. مهيني جي ٻن جُهارن جي وچ ۾ 'ٻہ' 'ياگَ' ٿيندا.

● **اوراٿو، اوڙاهي:** سمنڊ ۾ پاڻيءَ جو اوچتو وڏو چاڙهہ (وڏي خطري وارو).

● **وامَ يا وانءَ (جمع: وامُون، وانئُون):** سمنڊ جي پاڻيءَ جي اونهائيءَ جي ماپ 'وامَ' سان ٿئي. وچولي قد جو ماڻهو پنهنجيون ٻانهون کلهن کان ٻنهي پاسن تي سڌيون ڪري تہ ان کي عام طرح 'پُرهہ' چئبو. ڪاري جي ٻوليءَ ۾ ڪي ان کي وامَ (وانءَ) چون، پر ان کي ڪَچِي وامَ چوڻ مناسب ٿيندو. اها ڏيگهہ پنج فوٽ ۽ ڪي انچ ٿيندي. پَڪِي وامَ ڇهن فوٽن تائين ٿي ويندي. ان جي ماپ ائين جو وچولي قد جو ماڻهو سڌو ٿي بيهي ۽ پنهنجي سڄي ٻانهن مٿي سڌي ڪري تہ



Gul Hayat Institute

زمين تي پير جي آڱوٺي کان وٺي مٺي هٿ جي وچين آڱر جي چوٿيءَ تائين 'پَڪِي وامَ' ٿيندي.

## مڇيءَ جي گهور

اڳ سنڌ جي ڪناري وارا گهاتو چاليهن ڪن ميلن تائين ٻاهر سمنڊ ۾ ويندا هئا، ۽ ڪين گهور ۾ هفتو ڪن لڳي ويندو هو. گهور معنيٰ مڇي جي شڪار لاءِ ڳولا. ڪاري جي مڇيءَ جون ڪافي جنسون "ٻاهر" سمنڊ ۾ ئي رهن ٿيون، ۽ نَرَ ۾ نشيون اچن. "نَرَ" اهي نارون يا وڏيون ڪاڏيون آهن جيڪي ٻاهران وڏي سمنڊ مان ڪناري طرف "اندر" اچن ٿيون. ڪي مڇيون پري رهن ۽ نَرَ ۾ اچن ئي ڪين: مثلا دواڻ، ڪارو پِٿون، گور ۽ دوٿر نَرَ ۾ ڪين اچن.

گهور جو وقت ڪَتي کان وٺي چاڙاءَ يعني چيٽ (آڪٽوبر - مارچ) تائين آهي. اهو اڳيون دستور هو جڏهن هوڙا ۽ ٻيڙا سڙهن تي هلندا هئا. ان وقت چوندا هئا ته ٻڪ هجي ته ٻه هاڙهِ ۽ جيٺ (مئي ۽ جون) ۾ ٻاهر گهور تي نه وڃجي. هن وقت عام طرح "ڪاليا" (هوڙا) "اندر" (ڪناري لاڳو ياڳي ۾) گهور ڪن، ۽ "گهاڙيتا" (هوڙا) انن "وامن" تي (ٻاهر) سٺ انن ميلن تائين گهور ڪن.



Gul Hayat Institute

سنڌ جي ساحل وارا گهور ڪنڌڙ وڏا "گهاتُبَ" (گهاتو) آهن. ڪين خبر آهي تہ ڪهڙي وقت ۽ ڪيئن گهور ڪجي؛ ڪين سال جي جدا جدا موسمن، ڏينهن ۽ رات جي وقتن، اونداهي ۽ چاندوڪي جي ٽائُن، وِير جي چڙهڻ ۽ لهڻ جي وقتن، لَهَر جي رُخن، ۽ تانگهي ۽ اونهين پاڻي ۾ وامن جي حساب سان مڇين جي جدا جدا جنسن جي گهور ڪرڻ جي ڄاڻ آهي. هڪ ڀيري اسان ڪوبر درياءَ مان هوڙي تي "ٻاهر" وڃي رهيا هئاسون جو آڏو پري ڪان لَهر ڪِلندي نظر آئي ۽ پڻ اتي هوڙا نظر آيا. اسان جي سونهَين ساٿي چيو تہ اهي هوڙا جتي لهر ڪِلي پئي اُتي "سُوئو" مڇيءَ جو شڪار تا ڪن. هن وقت هوڙن وارا اٺن وامن تائين گهور ڪن ٿا: يعني جيستائين سمنڊ جو پاڻي اَٺ وامون يا وانئون آهي، يعني پنجاه فوٽ ڪن اُونهون آهي، ايستائين وڃن ٿا.

## رَڇَ، ڀَنَ، گهاوا

مُني جي مڇي مارڻ لاءِ چارَ آهن، جيتوڻيڪ رَڇَ ٻہ چون؛ ڪاري جي مڇي مارڻ لاءِ رَڇَ، ڀَنَ يا گهاوا آهن جن جا، وڏي ۽ ننڍي مڇيءَ جي لحاظ سان، وڏي ۽ ننڍي پاڻي جي لحاظ سان، ۽ پڻ ڪنڌي ڪناري يا ٻيڙي لڳ يا پري جي لحاظ سان، جدا جدا قسم ۽ نالا آهن. گهائو ۽ ڀن ساڳي ڳالهہ آهي. ڀَنُ مدراسي سُٽ مان



Gul Hayat Institute

ناهين. اگ گهاوا ۽ ين سوٽي يا سٽيءَ جا هئا: پوءِ ريشم (پلاسٽڪ) آيو: ۽ هاڻي "مکڻ ريشم" جا آهن جيڪو پڻ پلاسٽڪ آهي. گهائي ۾ هينان ڳوٽريون آهن. ين وِير جي چڙهڻ وقت پڌندا.

ڪَرڙي ۽ ڪَڏي مان رنگ ناهيندا ۽ رڇ رڱيندا. ڪَرَڙِي هڪ نهايت سائوسهڻو ڪاري پاٽيءَ جو وڻ آهي جنهن جي ڪلن ۽ ڪانڊين مان ڳاڙهو رنگ نڪري. ڪَڏي هڪ ڊگهڙو اڇو ڪوڏ آهي جيڪو هيٺ تري وارن پٿرن کي چنبڙي وڌو تئي. ان جو اڇو رنگ تڏو آهي ۽ رڇ کي سازي ڪون. "ران" رڇ جي مٿين ڏوري آهي: گهٽيون تہ "رانيون" چئبيون.

ڪاري ۾ مڇي جي شڪار لاءِ هيٺيان رڇ ۽ ين استعمال ٿين.

**پاڪي.** وڏي پاٽي ۾ وڏن منگرن لاءِ، اکو بہ فوٽ.

**ريبيو.** وڏي پاٽي ۾ وڏيءَ مڇيءَ لاءِ. اک مُنو فوٽ. ڪَرنا ، دَوانَ، گور، سُوئو، آلَ وغيره وڏي مڇي مارڻ لاءِ ريبيو استعمال ٿئي.

**ريبيُون.** وچولي مڇي جهڙوڪ پٿُون، سِيئرِي، ڏانني ۽ دوٿر لاءِ.

**وائِرو.** "باهر" وڏي سمند ۾ سنهي مڇي لاءِ واري آٽيندا، پوءِ جيڪا اندر آئي سان وري ڪانہ نڪرندي.

**ڪَتَرو.** هي بہ سنهي مڇي لاءِ "باهر" سمند جو چار

Gul Hayat Institute

آهي. ڪَترو مڇيءَ جي چوڏاري واري ڇڏيندا، تہ هر سنهي مڇي، ڪڏِي ۽ سانا وغيره ميڙي ٻاهر ڪڍندو.

**ڊَرڪَ.** اڪ هڪَ فوٽ، ٻاهر سمنڊ ۾ وڏِي مڇي لاءِ پوکيندا.

**جُهڳا.** سنهي سُٽ جو، ڊيگهہ ست اٺ فوٽ ڪن، هيٺان سيهي جون ڳوڙهيون.

**ڱجو.** سانن لاءِ

**ٺڪِڙي.** سنهون ڄار، اک جوگهيرو هڪ انچ يا ٿورو ننڍو. هن ۾ سانا بہ جهلجن.

**پِڪنيون.** ڊوري جو رڇ آهي.

**ڇاري.** جيڪا مٿان اُڇلي وجهجي.

## رَڇُ پوکڻ

يَنُ وجهڻ يا رَڇُ وجهڻ عام اصطلاح آهن، پر "رڇ پوکڻ" خاص اصطلاح آهي. معنيٰ ساڳي آهي، يعني مڇي مارڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ رڇ وجهڻ. پر "ٻاهر" وڏي سمنڊ ۾ رڇ وجهڻ کي گهاتو "رڇ پوکڻ" چوندا.

Gul Hayat Institute

ڪراچي جا گهوربندڙ ۽ گهاتو رڇ پوکڻ ۾ ماهر آهن. "اندران" (ڪناري واري پاسي کان) نکري "ٻاهر" وڃي رڇ پوکيندا ۽ رڇ پوکي موٽي ڪاڏِي ۾ ايندا. ڪاڏي، سمنڊ جي تري ۾ قدرتي ڊگهي کوٽيل ڪَسِي يا کَاهي آهي جيڪا "اندران" نکري "ٻاهر"

سمنڊ ۾ وڃڻ لاءِ هوڙن ۽ جهازن جي واٽ جو ڪم ڏئي ٿي، گهاتو اندازا اڻن وِمن جي ساموندي اونهائي واري پاڻي تائين وڃي رڇ پوکيندا: هڪ ڏينهن صبوح جو رڇ پوکيندا ۽ اڻن پهرن کان پوءِ ٻئي ڏينهن صبوح جو وڃي ڪڍندا. چوندا تہ فلاڻا گهاتو ”پوک وِڃي آيا“، يعنٰي پوکيل رڇ مان مڇي ڪڍي آيا. اهو سنڌ جي گهاتوئن جو ڪمال آهي جو بنا ڪنهن قطب نما يا ٻي ڪنهن ڪَلَ جي، ٻئي ڏينهن وڃي ٿا پنهنجن پوکيل رَڇن کي بنا ڪنهنَ مونجهاري جي ڳولي لهن. اهو هڪ وڏو تجرباتي علم آهي جنهن جو مدار هيٺين نشانين ۽ اهڃاڻن تي آهي:

١. ڪناري وارو ڪونشان مقرر ڪري، ان جي سڌ تي ٻاهر ويندا. مثلاً ”گندُبو پَهاڙ“ ۽ ان جي سامَهون ٿي ”بوربون“ (ٽڪريون) نشان طور نظر ۾ رکندا.
٢. سج جي رخ ۽ چاڙهہ کي خيال ۾ رکندا.
٣. پاڻي جو عُمَق جانچيندا تہ ڪيترين وامون آهي:
يعني تہ ڪيترين وامن واري پاڻيءَ ۾ رڇ پوکيو ويو آهي.
٤. ٻُڙدَ سان هيٺ تَري جي مٽي جانچي مٽيءَ جو رنگ ۽ نمونو خيال ۾ رکنداَ.
٥. لَهَر ۽ واءَ جو رخ خيال ۾ رکندا.
٦. جتي رڇ پوکيندا اُتي جي پاڻي جو رنگ خيال ۾ رکندا.

Gul Hayat Institute

# ٻاڳو ٻيو
# سمنڊ جا جاندار

## مڇيءَ کان الڳ جاندار

سمنڊ جي کاري پاڻيءَ ۾ ڪيئي جاندار رهن ٿا جن مان مڇي، مَنگرَ، ۽ ڪچون وڏيڪ ڄاتل سڃاتل آهن. سمنڊ جي جاندارن مان مڇي هيٺ اونهين پاڻيءَ ۾ توڙي مٿي تانگهي پاڻي ۾ جتي ڪِٿي موجود اهي. ٻيا ڪيترائي اهڙا جاندار آهن جيڪي سمنڊ جي تري ۾ رهن يا هيٺ سمنڊ ۾ جتي پٿر ٽڪَر آهن اتي رهن. کاري جي ٻوليءَ ۾ انهن پٿر ٽڪرن کي 'مارِي' يا 'ماربون' سڏجي. هيٺ رهندڙ جاندارن مان مَنگر ۽ ڪَچون وڏا شاهي جاندار آهن؛ باقي ٻيا ننڍا آهن جيڪي ماري ۾ رهن يا مٿي ترن يا تري ۾ ڙُرن سُرن. انهن ۾ ڪيڪَڙ سانوَ، ڪُوڪو، ڀَچانگو، مَيو، گُر، ڪڏو، ڊويار، سپ، پيتو، سِيتلاڙو، سِپ وغيرہ اچي وڃن ٿا. مڇين سان لاڳو جاندارن جو بيانَ اڳتي ايندو، باقي ٻيا جاندار جيڪي مڇين منگرن سان گڏ رڇن ۾ لڳن (ڦاسن) ٿا. تن جي سڃاڻپ مختصر طور تي ڪرائجي ٿي.



Gul Hayat Institute

• ڪُوڪو يا ڪيڪڙو (crab). هڪ جدا جنس آهي، جنهن کي عام ٻوليءَ ۾ ڪُوڪئِو، ڪوڪَئُون يا ڳُئِڳئُون ٻہ چون. هن جا ٽي قسم آهن: هڪ 'سوڍو جيڪو نَرُ آهي ۽ جنهن جو پيٽ سوڙهو سَنهون ٿئي؛ ٻي 'پِٽَرَ' جيڪا مادي آهي ۽ جنهن جو پيٽ سيلو ويڪرو ۽ ڪاري رنگ تي آهي؛ ۽ ٽيون 'ڪوَڏڙو' جيڪو صفا سنهون ٿئي. مادي آني ڪري ۽ ڪوڙي ۾ جهلي. ڪوڏو ۽ آڏيري ٻہ ننڍيون جنس آهن. رنگ جي لحاظ سان، ڳاڙهو ڪوڪئون، ڪَهيرو ڪُوڪَئون ۽ ڪارسرو ڪوڪئون وڏيڪ سڃاتل آهن.

• پَچانگو. انگريزي ۾ اهو آڪٽوپس (octopus): سڏجي. اهو هڪ جدا جنس آهي.

• لانگارو: هڪ الڳ جنس آهي جنهن جي وچئين گول جسم مان چوڏاري تاندورن مثل ليڙون لڙڪيل آهن. ان جو سڄو جسم 'جيلي' وانگر نرم پاٽيٽ وارو آهي. سنڌ جي ڪناري لڳ ان جا ٽي قسم سڃاتل آهن: هڪ وڏو 'جُهڙُ' جيڪو برف جهڙو اڇو ۽ سفيد شيشي مثل چمڪندڙ ٿئي؛ ان جي تور ٻہ- ٽي مڻ ٿئي. ٻيو ننڍو ڳاڙهي رنگ تي، جنهن جي تور اڌ مڻ کن ٿئي. ٽيون ننڍڙو جيڪو "لانگارِي" سڏجي جنهن جا ٻہ قسم آهن: هڪ اڇي لانگارِي ۽ ٻي سائِي لانگاري. سائي



Gul Hayat Institute

لانگاري جڏهن ماڻهوءَ جي جسم کي لڳي ته تيز سُور ۽ ساڙو ڪري.

• ڪَچُون، ڪچان، ڪَچِئون يا ڪَچائون. ڪَچُون سمنڊ جي جاندارن جو هڪ جدا قسم آهي، جنهن جون ڪيٽريون ئي جنسون آهن. ڪوريزل يا ڪوريسر ۽ ڪامرُ (يا ڪامُري) ڪَچُون ٻئي وڏي جنس وارا آهن. سنڌ جي ڪاري ۾، انن کان ڏهن مڻن جي تور تائين ڪَچُون جهليا ويا آهن. پر گهاتُبَن جو چوڻ آهي ته ٻاهر سمنڊ ۾ ان کان ٻه وڏي وزن وارا پنڌرهَن مَڻا ڪَچِئان آهن. سندن چوڻ مطابق مورڙي کي ٻه ڪَچُون ڳهي ويو هو.


ڪَچائنِ جا ٻيا هي قسم آهن، سَرِويل، جنهن جي پڇ ۾ زهريلو ڪنڊو آهي. پيو ڪاميٽ، ٽيون ليارو ڪچون، چوٿون پاتوڙو ڪچون جيڪو پڻ وڏو ۽ ڳرو آهي جنهن کي ٢٠ - ١٥ ماڻهو رڇ مان ڇڪي ڪڍن.

• ڪوڏا. انهن جا جدا جدا قسم آهن جئن ته ڳُرُ، مارُوڙي، ڪَنبِ، ڪَڏا يا ڪِڏا (وڏا)، ۽ ڪَڏ، ڪڏو يا ڪِڏي (سنهون).

## مڇي ۽ ان سان لاڳو جاندار

مٿي بيان ڪيل جاندارن کان سواءِ ڪي ٻيا جاندار جيڪي بنيادي طرح مڇيءَ جي ذات وارا آهن، ۽

Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

پڻ جيڪي گھورينڌڙ گھاٽُوئن جي رَچن گھاوَن ۾ لڳن ٿا، تن کي مَيو، پٽڻ ۽ مَنگر جي نالن سان سڏجي ٿو. چوٿون جانور بِروُن يا بُلھڻ آھي جيڪو انھن جنسن کان الڳ آھي. ڪاري جي بلھڻ ڪاري رنگ تي وڏي شاھي مَٽ جيڏي ٿئي.

مڇيءَ سان لاڳو جاندارن جي علمي سائنسي سڃاڻپ پوريءَ طرح ٿيل آھي پر اھا سڃاڻپ عام طور تي معلوم ناھي. ڪاري جي گھورينڌڙن وٽ سڃاڻپ لاءِ چار نالا آھن- يعني مڇي، مَيو، پٽڻ ۽ منگر- جن مان مَيو ۽ پٽڻ ٻئي مڇيءَ جي نُکَ نسب ۾ شامل آھن. ھيٺ مَيو ۽ پٽڻ جنسن تي مختصر طور روشني وجھجي ٿي. منگرن کي جدا ياڳي چوٿين ھيٺ بيان ڪيو ويندو.

## مَيو

• مَيو، شڪل صورت ۾ ڊگھيرو آھي ۽ وڏي ۾ وڏو ڊيگھ ۾ پنج ڇھ فوٽ ٿئي. ميو پُڇ جي زور تي ھلي، ان جا گھٽائي قسم آھن ۽ سڀ آنا لاھين. سيپٽمبر- آڪٽوبر ۾ لڳ ڪن. سنڌ جي ڪاري ۾ ٻه انھن جا درجن ڪن يا اجان ٻه وڌيڪ قسم موجود آھن، جن مان ’ڳجي ميو‘ ۽ ’سسي ميو‘ سولائي سان سڃاڻي سگھجن ٿا (ڏسو فوٽو).

## پِنَنُ (skates)

پنڻ شڪل ۾ تِڪُنڊائين گولائي تي ۽ ڏگهي پڇ سان آهن، ۽ سَجاڻ ۾ سَوَلا آهن. علمي سائنسي سڃاڻپ طور، اهي ”ري“ (ray) جو هڪ ڪٽنب آهن. ڏيگهه ڇئن فوٽن تائين، پر پين سمنڊن ۾ وڏي جنس تور ۾ اڍائن مٽن تائين ٿئي. نر مادي جي خبر بت جي ڏول ۽ رنگ مان پوي. اهي جِرون، ڪيڪڙا وغيره کائين. ڪناري ويجهو بہ اچن، پر وڏي پاڻي ۾ هيٺ تري ۾ جتي واري هجي اتي رهن. سنڌ لڳ، سمنڊ ۾ ٻاهر، پنڻ جون ڪي گهٽيون ئي جنسون آهن؛ هيٺيون ڏهہ جنسون جيڪي سنڌ جي ڪنڌيءَ واريَ سمنڊ ۾ موجود آهن سي اڪثر رَڇن گهاوَن ۾ لِڳن ٿيون.

١. ڪارِج پِنڻ، جنهن جي مٿي ۾ سگّ آهن. وڏي سمنڊ ۾ ٿئي.

٢. ڇِٽرو، مٿان گول گول ڇٽن وارا نشان اٿس.

٣. مورگو پِنڻ

۴. گيمُ

۵. گَادَمُ

٦. ڪَڏاڪُٽ يا ڪَڏا ڪُتي

٧. ڪُتِي



Gul Hayat Institute

٨. ٽِٽر پڌڻ

٩. موٽڻ يا ڳِڌَ وجهڻو

١٠. پڳو، جنهن ۾ ڪندو ڪونهي

١١. وَڇيٽو

١٢. پڇر پڌڻ

## بجلي وارو ’شاٽ‘ هڻندڙ پٽڻ

پِٽڻ جي هن جنس جو نالو ’موٽڻ‘ آهي پر ڳِڌَ- وجهڻو به سڏجي، جو بجلي جي شاٽ لڳڻ سان جڻ ڳڌڙي پئجي وڃي ٿي. موٽڻ جي نڪ ۾ بجلي آهي، ۽ جي اتي هٿ لڳو ته بجلي وارو ’ڪرينٽ شاٽ‘ لڳي ويندو. موٽڻ جو رنگ ڪارو، ڊيگهه هڪ فوٽ، ۽ تور ۾ به ڪلو ڪن ٿئي؛ ڪائجي ڪونه، باقي گند ۾ گڏجي.

Gul Hayat Institute

# پاڳو ٽيون

# ڪاري جي مڇي

## مڇيءَ جو ڪاڏو

مِٺي جي مڇي وانگر، ڪاري جي مڇي بہ هڪ ڇيلري (ڇلرن واري) ۽ بي ليئِي (بنان ڇلرن جي). ليئي جي ڀيٽ ۾، ڇيلري کائڻ ۾ وڌيڪ سُٺي. مٺي جي مڇي وانگر هڪڙيون مڇيون گاهہ، مِٽي، سنيار کائين، ۽ ٻيون ننڍين مڇين ۽ ٻين جاندارن کي کائين. جيڪي گاهہ ۽ مٽي کائين سي 'اندر' رهن، يعني ڪناري کي ويجهو رهن؛ جيڪي مڇي ۽ ماس کائين سي اڪثر 'ٻاهر' رهن. ڪاري جون گاهہ کائڻ واريون جنسون کائڻ ۾ وڌيڪ لذيذ آهن. پر جيڪي مڇي کائين ٿيون تن مان بہ ڪي لذيذ آهن، جهڙوڪ ڪَڳو، ڍانگري ۽ گورَ.

Gul Hayat Institute

پلو، پِٿون، ڦاڙَ، ڇوڏِي، موري، مُنڍي، ڪُوئِن، ڦاٽِي، ڇيلَ ۽ ڦَرا اهي سڀ گپ، رائِي (مِٽي)، گُپ يا گاهہ کائين؛ يا وڻ، ڪاٺ ۽ ڪِڏِي جي ليءَ ڇٽين. جتي ريل هوندي، يعني ڪناري لڳ ڪچي گپ هوندي، اتي ڏسبو تہ مڇين جي مُنهَن جا نشان لڳا پيا هوندا جو اُتي

گپ چٽيائون. سانن جي جنسن مان ڪَلرِي، ڄَئيرو، ٿائيگرُ ۽ ڪِڏِي مِٿي ڪائين. پلو، ڇوڏي، ڦاڙ اڪثر گپ چٽين. پلو گاهہ جي ڦُلي بہ چٽي ۽ رائِي (گپ واري سنهڙي مٽي) بہ ڪائي. ڪُوئِين يا ڪُئِين گاهہ ڪائي. پٽون اڪثر لانگاري جي ليءَ چَٽي.

## آنا ۽ ٻچا

مڇي سيڪا آنا ڪندي، ڪاري جي مڇي چاڙاء يعني چيٽ (مئي) مهيني ۾ آنا چندي ۽ ٻچا ڪري. ڪاري جي مڇي ۾ نر مادي ڪين ٿا سڃاڻن، ۽ پڻ نر ۽ مادي لڳ ڪندي ڪين ڏسجن. جيڪي مڇيون ڪاري مان مٿي مني ۾ چڙهن ٿيون سي آنِي مِني ۾ پَريندِيون پر ٻچا ڪاري ۾ ڪنديون.

## ڪاري جي مڇيءَ جون ڪي خاص جنسون

ڪاري جي مڇيءَ جي هر جنس پنهنجي ليکي الڳ آهي، پر هن ٻن خاص جنسن جو ذڪر ڪندا سون: سانا يا هَڪَمَ ۽ ڪڳي مڇي يا ڪڳا.

## سانا يا هَڪَمَ

عام طرح جهينگا سڏجن. ڪاري وارا چوندا تہ سانو درياء جو گُذَرُ آهي، يعني سمنڊ جو ڪيئون آهي:

Gul Hayat Institute

يا چونڊا ته درياء جو مڪڙ آهي. ڪاري جي سانن جا ڪيترائي قسم آهن جن مانُ هيئنيان وڏيڪ سجاتل آهن.

• ڪڪَرَ يا ڪيڪَٽ سانو. وڏي ۾ وڏي جنس آهي؛ هن کي 'مُڇن وارو سانو' به چون. ڊيگهه ۾ ٻن فوٽن تائين ۽ تور ۾ چلر کان سواءِ به گوشت ڏيڍ ڪلو. 'ماري، ۾ رهي، يعني سمنڊ ۾ هيٺ ٽَڪرين پٿرن واري پيٽي ۾ رهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جهلجي. انگريزي ۾ هن جو نالو 'لابسٽَر' مشهور آهي. هن جي مُڇن جي وارن مان هار ٺاهي 'چٽي جي بيماري' جي علاج طور پائين.


• پَٽاس يا پَٽاڙِي. پٽاپٽي سانو جيڪو ٻئي نمبر ۾ وڏو سانو آهي؛ هڪ هيڊن ڪارن پَٽن سان ڊيگهه مُني فوٽ تائين، ۽ تور ۾ اڌ ڪلو؛ پيو ننڍيو ڪارن اڇڙن ٽڪڙن سان.

• چَئيرو، چائرو، چَهِرو. هي به وڏو سانو آهي. ڊيگهه ڇهه انچ، ٻاڙهو لال رنگ، تور پنجاه گرام. ٻين کان وڏيڪ لذيذ ۽ مهانگو. هن وقت هن جو هڪ ڪلو گوشت ٽن سوَن رپين تائين وڪامي ٿو.

• ڪَلري. ننڍو سانو، ڊيگهه چار انچ ڪن. رنگ ۾ ٻاڙهو پر چَئيري کان گهٽ ٻاڙهو. ڪن وٽ نالو 'ڪلري گڏاٽي'



Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

• ماڏڙ چئيرو. چَئيري ڪان ننڍو. تور پنج تولا.
• گهوڙيل، گهوڙيلو. ڦڪاڻ تي اڇن ڪارن ڇٽن سان، ڊيگهہ ٽي انچ ۽ وزن پنج تولا.
• ٽائيگرَ
• اڇڙو.
• ڪڏِي. ننڍڙو سانو، ڊيگهہ سوا انچ، رنگ ڪاراڻ تي مائل سائو.
• ڪُسُ: سيني ۾ ننڍڙو. ٻہ قسم: هڪ ٽلهو ۽ ٻيو سنهون. پيٽ تي هيڊاڻ آني وانگر.
* • ڪارو.
ننڍڙا سانا سڪايا وڃن ٿا ۽ ڪڇ يا گند ۾ گڏجن ٿا. سانن جي 'ٻُڏي' (ڪل) ڪارخانن ۾ ڪم اچي.

## ڪڳي مڇي

ڪڳي مڇي گول آنا لاهيندي، باقي ٻي مڇي سپ آني ڪندي. ڪڳي، ڊانگري، ۽ گولي آني ڪٽي وات ۾ ڪن. جڏهن ٻچا ڦٽندا تہ وات مان ڪڍي ڇڏينديون، مادي ڪڳي آنا لاهيندي ويندي ۽ نر پويان وات ۾ آنا جهٽيندو ويندو ۽ وات ۾ جهليندو؛ پاڻ سُڪي ڪندا ٿي ويندو پر ڪائيندو ڪونہ؛ جڏهن ٻچا ڦٽندا تڏهن وات

Gul Hayat Institute

ڪولي ٻچا ڪڍي ڇڏيندو.

ڪاري جا ڪڳا سڀ ڪڳي مڇي جي ذات ۾ شامل آهن.

سنڌ جي ڪناري لڳ ڪڳي مڇيءَ جون هيٺيون جنسون موجود آهن.

- ڪُنُ. وڏو ڪڳو جيڪو ڪانٽ ۾ سنو
- ڇولڪيار ڪڳو
- شُوڪيار
- ڪارو ڪڳو وڏو
- سُرمائي ڪڳو
- رنجي ڪڳو. جنهن جو منهن سنهو
- ڪارائي ڪڳو. ڏيگهه ۾ فوٽ، نور ۾ ڪلو. آني وات ۾ جهلي
- ڳويار ڪڳو
- نورُ ڪڳو
- ڳاڙهو ڪڳو
- ڳاڙهي ڪڳي
- گِرَمِ ڪڳي
- ڇِڳَ ڪَڳي
- ڏُنگڙيو. ڏيگهه اڍائي انچ

Gul Hayat Institute

# ڪاري جون مڇيون جيڪي مٺي مني درياءَ ۾ چڙهن

ڪاري جي مڇيءَ جي هر جنس مٺي پاڻيءَ ۾ رهي سگهي ٿي، پر مٺي واري هر جنس ڪاري ۾ مري ويندي. مٺي جي مڇي ڪاري ۾ پئي ته پهريائين اکيون ويندس ۽ پوءِ آخر مرندي. ڪاري جون جنسون جيڪي سنڌو درياءَ (يا ٻنهوار ۽ شڪور ڍنڍن) ماڻ مٺي چڙهن ٿيون تن ۾ پلو، ڏانگري، ڏنديو، ڦاڙ، سيئَر، دوٿر، چوڏي، ڪڳو، ڪڳي، ۽ ڪلري سانوِ شامل آهن. پلو، درياءَ لهڻ ڪان اڳ گهڻو ڪري سمنڊ ۾ نڪري ويندو ۽ ڪي ٿورا ڏاٿا پوئتي رهجي ويندا. ڏانگري، ڦاڙ، سيئَر ۽ چوڏي چڙهن ٿيون ته گهڻيون پوئتي مٺي ۾ رهجي به وڃن ٿيون. ڏانگري گهڻو ڪري جڏهن نندي ٿڏهن مٺي مني ۾ چڙهي ۽ وڏي اڪثر سمنڊ ۾ ئي رهي؛ يعني ورلي ڪا وڏي ڏانگري مٺي مني ۾ چڙهي. شاهبندر (١٢ – نومبر ١٩٩٢ع) ۾ تصديق سان چيائون ته هيٺيون مڇيون ڪاري مان مٺي چڙهن ٿيون: پلو، ڦاڙ، ڏانگري، گولي، لوجري، چوڏي، رِنگڻ، ڪڳو، سانو، چاه، بونڦاڙ ۽ ٻلئي. جنگي سَر جي ميربحرن چيو ته ڪلري سانو ۽ مور منگرو به مٺي مني ۾ چڙهن ٿا ۽ جي پوئتي مني ۾

رهجي ويندا تہ ڪين مرندا.

## نندڙيون مڇيون

نندڙيون مڇيون اهي ٿيون چئجن جيڪي پنهنجي جنس ۾ ئي ننڍيون آهن؛ انهن جو قد هميشہ ايتروئي رهندو. ننڍين مڇين جي ڊيگهہ سوا انچ کان ڇهن انچن تائين آهي. هيٺيون جنسون ننڍين مڇين ۾ شامل آهن.

**چوڏي.** ڊيگهہ ڇهہ انچ، تازي تريل کائڻ ۾ نهايت لذيذ.

**ٻُونبلو.** ڊيگهہ ڇهہ انچ، سُڪل کائڻ ۾ سُٺي. هڪ داڻو ڏيڍ روپئي کان ٻن روپين تائين ٿو وڪامي.

**لُوڙَ.** ڊيگهہ چار انچ، کائڻ ۾ سُٺي، خاص طرح سياري ۾.

**جڳيري.** ڇهہ انچ، لُوڙَ جي ذات ۾ شامل.

**ڪِڪَڪ.** ٽي انچ، لُوڙَ جي ذات ۾ شامل.

**پاسِر.** ڊيگهہ چار انچ، لُوڙَ جي ذات ۾ شامل.

**چُنَهبر.** چار انچ، لُوڙَ جي ذات ۾ شامل.

**ڪارڪ.** ڊيگهہ چار انچ

**ٻِچاڙِي.** ڊيگهہ ٽي انچ، سُڪل کائڻ ۾ سني.



Gul Hayat Institute

چاڳُو. ٽي انچ، لُوئَر جي ذات ۾ شامل.

مِٺُو، مِٺُوڙو. ڊيگهه ڏيڍ انچ، ڪائڻ ۾ سٺي.

موڙي. چار انچ، ڪاڄي ٽي.

ڳهگرو. ڊيگهه چار انچ، مٿان پَٽا پَٽا ٽين

بورو. ڊيگهه پنج انچ،

بَڪو. ڊيگهه چار انچ

بَنبوڙ. ڊيگهه پنج انچ

ڪانڊيري. ڊيگهه ڏيڍ انچ

ڦَڙا. ڊيگهه اڍائي انچ

ڪاراڙِي. ڊيگهه ٽي انچ

خاسو. ڊيگهه ڏيڍ انچ

چَٺُونُ. چوڏيءَ جو ٻچو، ڊيگهه ڏيڍ انچ.

## وڏيون مڇيون

Gul Hayat Institute

اهي مڇيون جن جو شڪار ٽئي ٿو، جهلجن ٿيون ۽ شوق سان کائجن ٿيون، تن ۾ هڪڙيون جنسون وڏيون پيون ننڍيون. هيٺيون مڇيون وڏين جنسن ۾ شامل آهن.

- ڍانگري. ڊيگهه پنج فوٽ، تور ڏيڍ مڻ
- گور. ڊيگهه ڇهه فوٽ، تور هڪ مڻ

- سُوئو. ڊيگهہ چار فوٽ، تور هڪ مڻ
- رِنگڻِ. ڊيگهہ پنج فوٽ، تور مُنو مڻ
- آل. ڊيگهہ چار فوٽ، تور اڌ مڻ
- ڏانئي. ڊيگهہ چار فوٽ، تورُ ١٢ ڪلِو
- پلو. ٻاهر سمنڊ جو. ڊيگهہ اڍائي فوٽ، تور اُٺ ڪلو
- ڏَواڻ. ڊيگهہ ٻہ فوٽ، تور پنج ڪلو

انهن کان سواءِ ڪَرنا ۽ ٻيون وڏين مڇين ۾ شامل آهن.

## ڪائڻ ۾ لذيذ مڇيون

ڪاري جي مڇيءَ جون ڪي جنسون ڪائڻ ۾ ٻين کان وڌيڪ لذيذ آهن. پر هر جنس موسم مطابق ڪائڻ ۾ وڌيڪ لذيذ ٿئي جو اُن موسم ۾ ان جنس تي وڌيڪ وهہ چڙهي ٿي. هڪڙيون مڇيون سياري ۾ مڇن، ۽ ٻيون تڏنن جڏهن آنن ٻچن تي ورن. مثلا ڊانگري ۽ پٿُون سياري ۾ ڪائڻ ۾ وڌيڪ لذيذ ٿين: سِيئَرَ ۽ گورَ بهارَ ۾ وڌيڪ لذيذ ٿين.

ڪاري جو پلو بہ لذيذ جنسن ۾ شامل آهي. سيپٽمبر ١٩٩٣ع ۾ پڇا تي معلوم ٿيو تہ ڪاري جي مڇي جون لذيذ جنسون اڍاي سؤ رپيا في ڪلِو تائين وڪامي رهيون هيون. هڪ ڄاڻو (محمد حسينُ ڪڇي)

چيو تہ ’سائين! مون کان ٻڌ تہ توکي لذيذ جنسون نمبر وار کري ٻڌايان: پهريون نمبر پلو، ٻيو نمبر گور (سُرمائي)، ٽيون نمبر پٿون، چوٿون نمبر دوٿر، پنجون نمبر ڏاند، ۽ ڇهون نمبر ’گِپَر‘. اهڙيءَ طرح هرهڪ جي پنهنجي پنهنجي پسند آهي، پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ لذت جو مدار هر جنس جي مڇڻ ۽ موسم تي آهي. جنگي سَر جي ڪچهري (١٧- مارچ ١٩٩٥ع) ۾ چيائون تہ سُرمائي، ڏانڀي، سُوئو، پاپليٽ، ڍانگري ۽ دوٿر وڌيڪ لذيذ آهن. ڪيٽي بندر جي ڪچهري (١٨ مارچ ١٩٩٥ع) ۾ هيٺيون مڇيون وڌيڪ لذيذ ڪري ڳڻيائون: پَلو، ڍانگري، گور، آل، ڇوڏي، پاپليٽ، گِرِم (ڪگن جي جنس ۾ پهرين نمبر). سِيئَرِ، ڏانڀي، ۽ دوٿر. شاهبندر وارن جي چوڻ موجب ڪائڻ ۾ نمبر وار لذيذ مڇيون: پلو، پٿون، ڦاڙ، گولي، ڪوڪر، سِيئَر، ڍانگري، آل، دواڻ ۽ ڦاٽي. ڪاري وارا ڪي سٺيون مڇيون سڪائي رکن، ۽ آئي مهمان يا ٻي ضرورت وقت رڌين پچائين.

## ڍرڪندڙ (آواز ڪندڙ) مڇيون

ڪاري جون ڪي مڇيون آواز ڪن ٿيون، ۽ چئبو تہ ڳالهائين ٿيون. گهاتو چوندا تہ ’مڇي ڳالهائي‘ ٿي يا مڇي ’ڍِرڪي‘ ٿي. ڳالهائيندڙ جنسون پاڻي ۾ گهٽو



Gul Hayat Institute

هيٺ هونديون تہ بہ گھاتو انهن جو آواز ٻڌندا ۽ انهن کي سڃاڻندا. سمنڊ جي اونهي پاڻي جي ماپ ’وامَ‘ سان ٿئي. ڪاري جي مڇيءَ جون ڪي ڪي جنسون جھڙوڪ ڦوٽرائي سيئر، سُوئو، دوٿر، سُيري، گولي، رِنگڻ ۽ ٻورو تيهہ پنجتيهہ وام هيٺ هونديون تہ بہ انهن جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو، ڪن جو چوڻ تہ سامونڊي مٿين سطح واري فاصلي ۾ ڏهن ميلن تي ڪا مڇيءَ جي جنس ڳالهائيندي تہ بہ گھاتو ان جي طرف، جاءِ توڙي مڇي جي گھٽائي يا ٿورائي جي خبر ڏيندا. يونس آباد ۽ ابراهيم حيدري ۾ ڄاڻو گھاتوئن ان جي تصديق ڪئي. چيائون تہ جڏهن رات ۽ ڏينهن هڪ جيترا ٿين ٿا (مارچ، ۽ سپٽمبر ۾) تڏهن سُوئو مڇي ڳالهائي ٿي. سُيري، ’سِيارو واءُ‘ پوڻ سان ڳالهائيندي، ۽ پڻ ’وانڪا‘ تارو اڀرندو تہ ڳالهائيندي: اها ١٥ ڪان ٤٠ وامون هيٺ ڳالهائي، پلو، ڪارو پٿون، سُوئو، رنگڙ، ڦوٽرائي سِيئَر، گولي ۽ دوٿر بہ دِرڪَن ٿيون. سانو بہ دِرڪندو؛ اهو هيٺن جو پُڇ هلائيندو تہ ٺَڪ ٺَڪ جو آواز ٿيندو. ناهري (ڊسمبر) ۾ تاري اُبرڻ کان اڳ رڇ پوکي ڇڏيندا تہ مڇي اچي ٻيهي رهندي. پوءِ پٿر اُڇلائيندا تہ اُن آواز تي مڇي بہ ڳالهائيندي (دِرڪندي) ۽ گھاتن کي مڇي جي خبر پئجي ويندي.



Gul Hayat Institute

## مڇي جيڪا سگريٽ پيئي

هن جو نالو ’گوڪ‘ يا ’تورو‘ آهي. گوڪ کي هڪ هڪ ڪنڌو پاسن کان آهي، ۽ ٽيون ڪنڌو مٿان. سِڌو ڪري رکبس ۽ سگريٽ دکائي وات ۾ وجهبس تہ پئي پيئندي ۽ بي ختم ڪري ڇڏيندي.

## مڇي جيڪا اڏامي ٿي

ننڍي مڇي جِري، تور اڏ ڪلو، پنهنجن ڪنبرن جي زور تي اڏامي ٿي، ۽ پنجاه سِٽ فوٽن تائين ان جي اُڏام عام اهي.

## مڇي جيڪا بلب ٻاري ٿي


ڪڏي جي گهاٽُئن ڇيو تہ هي مڇي هيٺ سمنڊ جي تري ۾ رهي، ۽ هلندي تہ چڙ بجليءَ وارو بلب ٻاري روشني ڪري هلندي. سانن جو چار جيڪو هيٺ تري تائين وجي ٿو، ان ۾ ڦاسي ٿي.

## ڪاري جي مڇيءَ جو ملهہ ۽ مستقبل

ٻي هرشيءِ وانگر، مني توڙي ڪاري جي مڇي جيئن پوءِ تيئن مهانگي ٿيندي وجي، هڪ پلو هن وقت ڏيڍ سئو ڪان ٻن سوَن روپين تائين مشڪل ملي ٿو. ١٢- نومبر ١٩٩٢ع تي شاهبندر ۾، جتي روزانو سمنڊ مان تازي مڇي اچي ٿي، پِٺون في ڪلو ڏيڍ سئو



Gul Hayat Institute


پَٽَل
ساڦي
ڪَڪَٽ
مُلون
مُئي




Gul Hayat Institute

روپيا هو، ۽ ڍانگري، ڦاڙ في ڪلو پنجاه روپيا. هن وقت ۱۹۹۵ع ۾ پٿون ٻه سئو روپيا ڪلو ڪي وڃي لڳو آهي.

اڳ سنڌ جي ڪاري ۾ مڇي گهڻي هئي ۽ هاڻي گهڻو گهٽجي وئي آهي. پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ ڪن ٻاهرين ملڪن وارا سنڌ جي سامهون عربي سمنڊ ۾ اچي مڇي مارڻ لڳا آهن. يونس آباد ۾ محمد يونس ٻڌايو تہ: سنڌ جي سامهون ٻاهر سمنڊ ۾ اڳ ڪارو پٿون ايترو هو جو هڪ ڏينهن ۾ چوراسي هزار جو شڪار ٿيو.

سنڌ لڳ ڪاري جي مڇي جو مستبقل روشن نظر نٿو اچي جنهن جا ڪي سبب هي آهن:

۱. ٻاهرين ملڪن جي مڇي مارينڌڙن جي سنڌ جي سامهون عربي سمنڊ ۾ سرجنڌڙ مڇي تي مار آهي. اڳ ٻيڙا سڙهن وارا هئا، هاڻي مشين وارا جهاز نون طريقن سان مڇي گهڻي ۾ گهڻي مڇي مارين ٿا.

۲. سنڌونديءَ جي پاڻيءَ جو سمنڊ ۾ چوڙ گهٽجڻ. درياءَ جو منو پاڻي سمنڊ ۾ پوي ٿو تہ مڇيءَ کي وڌائي ٿو: پاڻي جو مقدار گهٽو هوندو تہ ڏکهي وقت تائين سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو ۽ مڇي ۾ واڌ ٿيندي. سنڌو درياء تي براج اڏيا ويا آهن جنهن ڪري فقط سانوڻي



Gul Hayat Institute

(جولاءِ- آگسٽ) ۾ ئي درياءَ جو پاڻي چڱي مقدار ۾ سمنڊ ۾ ڇڙي ٿو. سياري ۾ تہ پاڻ سمنڊ جو پاڻي درياء جي ڪاڏي ۾ چڙهي اچي ٿو. درياء جي پاڻيءَ جي گهٽجڻ جو سڀ ڪان وڏو اثر پلي ۽ ساني يا جهينگي جي پيدائش تي پيو آهي، پر ٻيون جنسون بہ متاثر ٿيون آهن.

٣. سنڌ جا پنهنجا گهوربندڙ ماريندڙ، سنڌوندي جي ڇوڙ وارن ڦاٽن جي مُنهن تي اچي رڇ هڻن ٿا جنهن ڪري پلو، بسانو ۽ ٻيون جنسون مٿي نٿيون چڙهن، ۽ انهن جي نسل ۾ واڌ جيئن پوءِ تيئن گهٽجي رهي آهي.

٤. سنڌ جي ڪاري ۾ 'اندر' ، توڙي سامهون سمنڊ ۾ 'ٻاهر' مڇي جو ڪاڏو گهٽجي رهيو اهي. ننڍڙي سنهي مڇي ۽ ٻيا جاندار، وڏي مڇي جو کاڄ آهن. اگ انهن تي مار ڪانہ هئي. پر هاڻي نئين قسم جا رڇ نڪتا آهن جيڪي سنهڙي مڇي توڙي ٻين ننڍڙن جاندارن کي تري سوڌو ٻهاري ٻاهر ڪڍن ٿا. اهو سڄو مال ڪِڃ يا گند ۾ گڏجي ٿو، ۽ ڪچري طور وڪامي ٿو ۽ ڪارخانن ۾ ڪم اچي ٿو. انهن جيتامڙن جي مارڻ تي فوري طور بندش وجهڻ سان ڪاري جي مڇيءَ جي ڳاهہ يا ڪاڏي ۾ ڪوٽ بند ٿيندي جنهن ڪري پيداوار وڌنڌي.

# پاڳو چوٿون

# منگر ۽ منگرا

## مڇي ۽ منگر

بنيادي طور تي، ڪارني جي مڇي شڪل صورت ۾ مٿـي جي مڇيءَ وانگر آهي: البت "سانو" شڪل صورت ۾ مڇي کان الڳ آهي، پر ڪاري وارا سانن کي به مڇيءَ ۾ شمار ڪن. مَنگرُ، مڇيءَ کان الڳ، سمنڊ جي جاندارن جي هڪ جدا ذات آهي. مڇين ۽ منگرن ۾ فرق اهو آهي جو مڇيءَ جي هر جنس آني ڪري يا آنا ڏئي ۽ آنا چاٽي. ان جي برعڪس، منگر ٻچا ڏيندڙ جانور (mammels) آهن. ڪن جي چوڻ موجب، ڪي منگر به آنا ٽا ڏين.

## مَنگرن جا قسم

منگر، مڇين جي شڪل جهڙا سامونڊي جانور آهن، پر اهي "مڇي" کان هڪ الڳ ذات آهن. ڪاري وارا اڪثر نَر نالو منگرُ (ري جي پيش سان) ڪري ڳالهائيندا ۽ مادي نالو مَنگرِ (ري جي زير سان)- مثلا چوندا "اَنڌي مَنگرِ" جيڪا وڏي سمنڊ ۾ رهي. مَنگرَ جي ٻچي کي "منگرو" يا "مور" يا "مور

منگرو“ چئبو، ۽ جي گهٽا تہ منگرا، يا مور منگرا. اهڙيءَ طرح ڪاري جي ٻوليءَ ۾ منگرو يا منگرا، منگرن جي ننڍن ٻچن کي چون: يعني جيستائين انهن جي تور عام طرح اڍائي يا ٽي ڪلو ڪن هوندي. اُهي وڏن منگرن جا ننڍا ٻچا آهن؛ پر انهن کان سواءِ ٻيا ”ننڍا منگر“ بہ آهن جيڪي ٻچا ناهن پر جنس ۾ ئي ننڍا آهن.

## وڏا مانگر مڇ (whales)

وڏي ۾ وڏو سامونڊي جاندار جنهن کي انگريزي ۾ وِهيل (whale) چئجي ٿو تنهن کي سنڌ جا گهاتو ۽ گهورينڊڙ پنهنجي روزمره جي ٻوليءَ ۾ وڏو منگرُ يا ’وڏي منگرِ‘ چون. سنڌي لوڪ ادب ۾ اڳاٽي وقت کان وٺي ’مانگر مڇ‘ نالو مشهور ٿيو ۽ سنڌي ۾ ’وِهيل‘ جو اهوئي مشهور معروف نالو آهي. ميين شاه ڪريم جو بيت آهي تہ:

ٻچا تو گهيڙي گهتِ، مانگرياڻيءَ مڇڙا
اُن ڪُنڊي ڪڏي ڪيترا نيئي پڇاڙيا پٽ

’مانگرياڻي‘ معنيٰ مادي مانگر، ۽ ’مڇڙو‘ (جنهن کي خطاب ڪيل آهي) معنيٰ مانگرياڻيءَ جو ٻچڙو، جيڪو ننڍيو تہ مڇڙو ۽ وڏو تہ مَڇُ. مانگر مڇ (whales) ننڍڙين اکين ۽ گرم رت وار جانور آهن. اهي هوا مان

Gul Hayat Institute

ساه ڪڻندڙ اهن، ۽ انهيءَ ڪري اهي مٿي پاڻيءَ جي سطح تي وقت بوقت ساه ڪڻڻ لاءِ منهن ڪڍن.

وڏا مانگر مڇ ٽي جنسون آهن:

۱. وِيسَرُ، جيڪو وڏي ۾ وڏو آهي. ان کي ڏند ناهن.

۲. اَنڌي مَنگرِ. جيڪا وِيسَر کان ننڍي آهي.

۳. وِيلڙو ٽيون نمبر وڏو مانگر مڇ آهي. هن جا پَک (ڪنپ) وڻ جيڏا وڏا آهن ۽ هلڻ ۾ تمام تکو آهي. ڪن جي چوڻ موجب ويلڙو وڏيڪ ننڍو آهي ۽ ويسر کي ڇهنٽي ٿو.

تاريخ ۲۵ جون ۱۹۹۳ع تي پاڪستان ٽيلي ويزن ۾ معلومات ڏنائون تہ گهڻا سال اڳ هڪ مانگر مڇ جيڪو زخمي حالت ۾ بلوچستان جي ڪناري سان اچي لڳو هو ۽ جنهن جو ڍانچو ڪراچي ميوزيم ۾ رکايو ويو هو، تنهن جي ڊيگهہ چوهتر فوٽ هئي ۽ تور هڪ لک ويهہ هزارن مڻن کان مٿي هئي.

Gul Hayat Institute

تازو ويجهڙ ۾ تاريخ ۱۶ مئي ۱۹۹۵ع جي روزاني انگريزي اخبار "ڊان" (Dawn) ۾ خبر آئي تہ ۱۳ تاريخ مئي تي "هب پاور پراجيڪٽ" لڳ اچو مانگر مڇ ڏٺو ويو جيڪو هاٿي مئو پيو آهي. هن جي ڊيگهہ پندرهن ميٽر، اوچائي ساڍا چار ميٽر ۽ تور پنجاهہ مڻ جاٽائي وئي. رنگ ۽ ڊول جي لحاظ سان

اهڙو مانگرمڇ ڪراچي واري ساموندي ڪناري تي وِرلي ڏٺو ويو آهي.*

## ڊُلفِينا

انهن جاندارن جي جنس ئي جدا آهي. جيتوڻيڪ عام طرح اهي بہ منگرن ۾ ڳڻجن ٿا. پر ڪڏهن ۽ ابراهيم حيدري جي گهاتوئن صحيح طور سمجهايو تہ اهي منگر ناهن ۽ انهن جي جنس ئي جدا آهي. انهن مان هيٺيان ٽي قسم وڏيڪ سڃاتل آهن.

١. هُمُرُ. هي وڏي سمنڊ ۾ رهي، ڏيگهہ اٺن فوٽن تائين. هن جا چار نمونا آهن جن مان هڪ ڪارو، ٻيو اڇو ۽ ٻہ ڀيا.
٢. مالار. هيءَ ڪنڌي لڳ رهي
٣. ٽاٻي. هي بہ ڪنڌي لڳ رهي ۽ مالار ڪان ننڍو آهي.

ٽيئي جنس ۾ جدا پر هڪ ذات آهن: ٽنهي جا ٻچ هڪجهڙا آهن، ۽ ٽيئي جڏهن هيٺان پاڻيءَ مان ڦهريائين مٿي سطح تي ايندا تہ ڦوڪ هڻندا. انهن جي پٺيءَ ۾ سوراخ آهي جنهن مان ڦوڪ سان پاڻي ڦوهاري وانگر مٿي لات ڪندو. انهن جو تيل ڪم اچي. ڪن چيو تہ

---


* A rare species ever found near the Karachi port... (with) eream colour stripes and slightly grey tail (Daily Dawn dated 16-5-1995)



Gul Hayat Institute



کَچان، کَچاؤُن



پچانگو

Gul Hayat Institute

”ويسر“ بہ ساڳي جنس آهي جو ڦوهارو هٽي ٿو. غور ڪرڻ سان لڳي ٿو تہ اهي ڊالفن (dolphin) جي جنس ۾ اچن ٿا جيڪا ”ري“ (Rays) سان لاڳو آهي.

## منهنارا: تلوارن ۽ سڱن وارا

مُنهنارا ڪاري جا اهي جاندار آهن جن کي منهنار وٺان يعني آڏو منهن وٺان پاسن تي جڻ سڌا سڱ يا جڻ سامهون تلوارون آهن؛ اهي سامهان سڌا هڏا آهن جن کي آساني خاطر ’تلوارون‘ چئجي، يا مُنهن وٺان پاسيارا هڏا آهن جن کي آساني خاطر ’سڱ‘ سڏجي. انهن مان هيٺيان جيڪي آنا ڪن ٿا سي مڇيءَ جي جنس ۾ شامل آهن جيتوڻيڪ عام طرح منگر ٿا سڏجن.

- ليارو. سامهون سڌي تلوار اٿس جنهن کي پاَسن کان ڏند يا ڏندا. هيءَ آنا ڪري.
- مَندريو. سامهون تلوارا اٿس: آنا ڪري.
- ڪيرُ يا ڪَيرُ، يا ڪهر، آنا ڪري
- واڪيڻُ. سامهون تلواَر اٿس: آنا ڪري
- وهرُ يا ويرُ. آڏو ڊگهي چنهنب: آنا ڪري
- ڏاَنَد، آڏو پاسيارا سڱ

جدا جدا ماڳن تي ملاحن کاںَ اهڙن منگرن بابت پڇيو ويو تہ چيائون تہ هيٺين منگرن کي تلوارون يا سِڱ آهن. مگران بابت وڌيڪ تصديق جي ضرورت آهي.

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| انڌي منگر | سيرل | لون |
| اَٽيان مور | ڪاناتي | مگيو |
| پاڳاس | ڪِهر، ڪير | مُوئي |
| پِيشَڪِ | ڪَندري | واڪيڻ |
| وِهر | گوسِي | واڳو منگر |
| ڏاند | ڏيِهَر | هاروڙ |
| ليارو | مَندريو | ڏاند |
| | | گنڊي |

## شارڪ (shark) قسم جا منگر

شارڪن جي سجاٽپ اها آهي جو انهن کي وات هيٺان آهي، ۽ مٿان نَڪ ڊگها ۽ اڳتي نڪتل. مٿان چلر، بت گولائي تي. ڪليون اٽن. ڪن کي تڪا ۽ ڊگها ڏند: مڇي ۽ سمنڊ جي ٻين جانورن کي هيڇ سان مارينڊڙ: ۽ ڪائيندڙ ترڻ ۾ تڪا جو ڏينهن جا ڏينهن جهازن سان گڏ هلن. هيٺيان شارڪ قسم جا منگر ماڻهوءَ سان وڙهن ٿا.

| | |
|---|---|
| ١. ڪَندري | ٧. سِڏُ |
| ٢. لَونُ | ٨. مُوئي |
| ٣. وِڇڻُ | ٩. ڊوڪان |
| ٤. ڪَر | ١٠. ٻُتُرُ |
| ٥. اَٽيان مورُ | ١١. ڪَٽيپ يا ڪَٽيٽ |
| ٦. سِيافَر | ١٢. گُسي |

Gul Hayat Institute

## ڪير پياريندڙ منگر

عام گمان موجب وِيَسر، ويلڙو، هُمُ، مالار ۽ ٿاڀي پنجئي ڪير پياريندڙ آهن. پهريان ٽي وڏي سمنڊ ۾ رهن، البت مالار ۽ ٿاڀي ڪناري کي ويجهو اچن ٿا. گهاتوئن جي چوڻ مِوجب ٽڙ اتن ۽ ٻچن کي ڪير پيارين ٿا.

## منگرا جيڪي ڪاچن ٿا

سنڌ جي ڪاري ۾ ڪي ننڍا منگرا جيڪي ڪن وڏن منگرن جا ٻچا آهن سي ڪاچن ٿا. اڪثر اهي منگِرا ڪاڏا وجن ٿا جيڪي ڪائڻ ۾ سوادي آهن. هيٺيان منگرا انهن ۾ شامل آهن جيڪي ڪاچن ٿا.

- مور منگرا، ٻه قسم: هڪ پراٽو مور ۽ ٻيو اچو مور يا نئون مور (شاهبندر وارن وٽ اهي نالا). ٻئي ڪاچن ٿا ۽ ڪائڻ ۾ لذيذ آهن. 'نئون مور' ، عام خيال موجب، ڪندري جو ٻچو آهي.
- ڪَندري جو مور. ڪندري منگر جو ٻچو، ڊيگهه ٻه اڍائي فوٽ
- ڪاناتو. ڪاناتي منگر جو مور (ٻچو)، ڊيگهه اڍائي وٽ.

Gul Hayat Institute

- ڪَنات. ننڍي ۾ ننڍو منگر. ڊيگهه ڏيڍ فوٽ ۽ تور سوا ڪلو.
- ڪارِينگڙيو. ننڍو منگر، ڪاڇي ٿو.
- ڪائُيون. تور ٽي چار ڪِلو. ڪاڇي ٿو.
- اَٽيان مور جو ٻچو. ڊيگهه ٻه اڍائي فوٽ. کائڻ ۾ لذيذ.
- پنبا مور. پنبا منگر جو مور ٻچو. ڊيگهه ڏيڍ فوٽ کن.
- ڪارو مور. عام خيال موجب اهو انڌي منگر جو ٻچو آهي. ڊيگهه اڍائي فوٽ.
- گِسي مور. گِسي منگر جو ٻچو. ڊيگهه ٻه فوٽ.

شاهبندر طرف، ننڍڙن منگرن ٻچن کي جيڪي نَر سمجهيا وڃن ٿا تن کي 'پنبا' چون ۽ جيڪي مادين جهڙا تن کي 'ڪُوئرِيون' چون. انهن جي تور هڪ پاءُ ٿائين.

Gul Hayat Institute

## اهي منگر جن جوُ تيل استعمال ٿئي

انڌي منگرِ، مورُ، ڪَرَ، ڪَندرِي، لونُ، وِهرُ يا ويرَ، ٻُٿَرَ، واڪِيڻ، هَڙونڊو، ڪارنج، سَت سَرِي، ڏنڊڻ،

هُمرُ، مالار ۽ ٿاٻي منگرن جي وَهہَ يا چرٻي مان تيل نڪري جيڪو ٻيڙين کي مکڻ لاءِ استعمال ٿئي. مالار جو تيل سنڌن جي سُور لاءِ بہ مفيد آهي، علاج خاطر ڪي ان کي پِيَن. وڏي انڌي مَنگرِ ٻاهر وڏي سمنڊ ۾ رهي باقي ان جو مور اندر اچي ٿو جنهن جي پيٽ مان سئو ڪن دٻا وَهہَ جا نڪرن. انڌي منگر کي ياالا هٽي مرڻ جهڙوڪ ڪندا، پر اجان جيئري هوندي جو اُبتو ڪري پيٽ ڦاڙي سوراخ ڪري ماٿهو اندر گهڙي ويندو ۽ تيل خاطر جيرا وڍي ڪڍندو. پوءِ رسا ڪپي ڇڏيندا تہ اجان بہ جيئري پئي ويندي جيتوڻيڪ نيٺ وجي مرندي.

---

Gul Hayat Institute

# پاڱون پنجون


# ڪاري جي مڇين جي نالي وار فهرست

جدا جدا ماڳن ۽ مياڻين تي پڇا ڪندي، ڪاري جي مڇين جا جيڪي نالا مليا تن کي پيٽيو ويو ۽ صحيح صورت ۾ لکيو ويو. اهي نالا هن فهرست ۾ شامل اهن. مڇين جي نالن ۽ انهن جي سڃاڻپ بابت ڪيل هيءَ پڇا جيتوڻيڪ وڏي ڪوشش ۽ ڪشالي جو نتيجو اهي، مگر موجوده صورت ۾ اها ابتدائي درجي جي آهي. ڪن مڇين جا محض نالا مليا پر في الحال وڌيڪ تفصيل ملي نه سگهيو. اهي نالا پڻ فهرست ۾ شامل ڪيا ويا آهن ته جئن اڳتي پڇا لاءِ سولائي ٿئي. ڪن مڇين جي سڃاڻپ به ٻڌل بيانن مطابق آهي. ٻڌل ڳالهين کان اڪين ڏٺي ڳالهه وڌيڪ آهي: پوري تصديق لاءِ ضروري آهي ته هر مڇي کي ڏسجي ۽ پوءِ ان بابت لکجي، اجان به تحقيق مڪمل تڏهن ٿيندي جڏهن علمي سائنسي روشني ۾ مڇي جي هر جنس جي صحيح سڃاڻپ ڪجي.

- آڇِي، آڇِي گلو: چيلري. ميرو رنگ. ڊيگهه ڇهه




Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

انچ. تور اڌ ڪلو.

- **آلَ:** وڏين مڇين جي هڪ جنس. ڊيگهه چار فوٽ. هيڊبرو- اڇو بُت (فوجي ڪپڙي جهڙا چٽا). تور اڌ مڻ.
- **اُڇَڪَ:** رنگ ڪارو. تور اڍائي ڪلو تائين. ڪاچي ڪانءَ: ڪچِ يا گند ۾ ڪم اچي.
- **اَنگور:** رنگ اڇو. ڊيگهه هڪ فوٽ. تور اڌ ڪلو.
- **بارَڪَلي**= ڪَلِي.
- **بامَ، يامَ:** ليئي. رنگ هيڊبرو، پيٽ اڇو، مٿو گولائون نانگ جي شڪل تي. ڊيگهه ٻارهن فوٽ. تور سورهن ڪلو.
- **بُدڪي:** ننڍي مڇي. ڊيگهه چار پنجَ انچ. 'دَواڻ' جي هڪ جنس.
- **بَنبور:** ننڍي مڇي. چيلري. رنگ اڇو. ڊيگهه ڇهه انچ. تور اڌ پاءُ (lady fish)
- **بورو:** ننڍي مڇين مان. مذڪر نالو. ڪاچي ٿو، پر اڪثرُ مڇيءَ جو ٻاهرُ ٿئي.
- **بُونقاڙَ:** يعني پُونءِ+ قاڙ، چاڪاڻ جو گپ ۾ ٽٻي هڻي ۽ هينان ڇڻ زمين چيري هلي. عام مشهور نالو 'قاٽي'.
- **ٻاچُو، ٻاچو ڪوڪر**= ڪوڪر.

Gul Hayat Institute


- **تِـتِـرُ:** پُونبَلو جو هڪ قسم. پڻ 'پِڏڻ' جو هڪ قسم.
- **ٽُورو:** رنگ اڇو هيڊرو. ڊيگهه هڪ فوٽ. تور هڪ ڪلو. زهريلي مڇي، ڪاڇي ڪانہ.
- **پاڳاسِ:** ٻہ قسم: هڪ گول پاڳاس، ٻي ٻُوئر پاڳاس.
- **پالِيرَ پالِيرَ:** تور اڌ ڪلو.
- **پَتَلَ پاتَلَ:** ڊيگهه چار فوٽ. سمنڊ ۾ هيٺ 'مارِي' لڳ رهي.
- **پِٿون:** مڪيہ ٻہ قسم: ڪارو ۽ اڇو: ڪارو پِٿون، سيني ۾ وڏو ڊيگهہ هڪ فوٽ تور ٻہ ڪلو. ٻيو ڪَپَرو ڊيگهہ هڪ فوٽ ٢. اڇو پِٿون ٻہ نمونا: هڪ گَپَڙُ يا ڪَپَرو جيڪو وڏو ٿئي، تور ڏيڍ يا ٻہ ڪلو؛ ٻيو اڇو ۽ ننڍو، جيڪو ڊيگهہ ۾ منو فوٽ، تور هڪ ڪلو.

Gul Hayat Institute

- **پُچاري**= ڊيگهہ منو فوٽ، تور هڪ ڪلو.
- **پَڏڻ:** ننڍڙي مڇي. ڊيگهہ ڇهہ انچ. تور هڪ پاءُ.
- **پَرِي:** ڊيگهہ اڌ فوٽ، تور هڪ پاءُ.
- **پَلڻ:** رنگ اڇو، ڊيگهہ هڪ فوٽ، تور اڌ ڪلو.
- **پَلو:** ٽي قسم: ڳونڊائِي، ڄَيِرو ۽ ڪسُ ١. ڳونڊائي پلو. اهو سمنڊ جو وڏو پلو آهي. گوادري




Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

پلو ٻہ سڏجي. چاليهہ فوٽ اونهي سمنڊ جي پاٽي تائين ٿئي، مٿي درياء ۾ ڪونہ چڙهي. ڊيگهہ ٽن فوٽن تائين. تور چارڪلو ۲. ڄَئيرو، ننديو پلو. جيڪو ڪنارَي لڳ ويندي ٻن فوٽن تانگهي پاٽي تائين هلي. ٻاهر سمنڊ ڏي ڪونہ وڃي، پر مٿي درياء ۾ مٿي چڙهي. هن جا ٻہ قسم: هڪ وڏو آنيَارو (مادي) جنهن ۾ ٻہ آنيون ٿين. ڊيگهہ ڏيڍ پوٽا ٻہ فوٽ، ٻيو کيرو جيڪو ننديو، ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ. هن ۾ آني ڪانهي، پر آني وانگر ننڍڙيون آنٺون. ۳. ڪس پلو يا خالي پلو جنهن ۾ نڪا آني ٿئي نہ نڪو ڦوٽو.

- **پُوچارِي، پِيچاري:** ننڍڙي مڇي. ڊيگهہ ٽي انچ، مڇيء جو ٻاهہ ٿئي.
- **پُونبَلو، پِنبلو:** ٻہ قسم: هڪ وڏو، ننهن جو ٻالو ٽِٽر. رنگ هيڊرو. ڊيگهہ هڪ فوٽ، تور ڏَيڍ ڪِلو. ٻيو ننديو. رنگ هيڊرو. ڊيگهہ ڇهہ انچ، تور هڪ ڇَٽانگ.
- **جاڪو:** چيلري. رنگ اڇو. ڊيگهہ ڇهہ انچ. تور اڌپاء
- **جِرِي:** چيلري. تور اڌڪلو. اڌامي ٿي.




Gul Hayat Institute

- **جِليبِي:** ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ. ويڪري هڪ فوٽ، تور چار ڪلو تائين.
- **جِهرڪي:** ڊيگهہ انچ. رنگ ميرو، پڪ اٽس ۾ اڌامي ٿي. تور هڪ ڇٽانگ. ڪاچي ڪانہ. ڪچِ ۾ گڏجي.
- **چاڱُو، چاڱون:** ڇيلري. رنگ اڇو. ڊيگهہ ڇهہ انچ. تور هڪ ڇٽانگ.
- **چاءِ، چاه:** ڊيگهہ هڪ فوٽ. "ڏاني" جهڙي. تور هڪ ڪلو.
- **چامَ** = چَمُون.
- **چانهيُون:** ڊيگهہ ٽي فوٽ.
- **چَٽُون:** ننڍي مڇي. ساوا پڪ. منهن چتون جهڙو. تور اڌ ڪِلو.
- **چُڪي، چوڪِي، چِڪي:** دواڙ جو قسم. دَواڙ جهڙي پر ننڍي. تور چار پنج ڪِلو.
- **چَمان، چَمون، چام:** سرمائي رنگ، پيٽ اَڇيرڙو، ڊيگهہ هڪ فوٽ، تور اڌ سير.
- **چُني، چَسي:** ڊيگهہ ٻہ فوٽ.
- **چِند، چَند:** ليئي. رنگ هيڊرو، تلوار جهڙي سنهي، ڊيگهہ چار فوٽ. تور ٻہ ڪِلو، آنا ڪري. ڪائجي ڪانہ ٿي.

Gul Hayat Institute


- **چِيرِي** = موري
- **چوڏي: چيلري**: رنگ اڇو. کائڻ ۾ لذيذ. ٽي قسم: ١. وڏي چوڏي، ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ. هن جون آنيون لذيذ ٿين ٢. ڀُوري چوڏي، ڊيگهه هڪ فوٽ ٣. ٻُڙ چوڏي= ننڍو ٻچو چوڏي جو، ڊيگهه ڇهہ انچ.
- **چيلَ**: چيلري. رنگ ڪارڙو اڇو. ڊيگهہ ٩ - انچ. ريت تي واري ۾ ٽٻي هٽي هلي. ٻہ قسم: هڪ ڦائِي گول ۽ ٻي ڊگهي ”سول“ (sole).
- **حَجام**: ڪاري پٺون جهڙو. هڪ پاسي چلر ٻئي پاسي لسو. تور هڪ ڪلو.
- **خَچَر**: ڪاڄي ڪانہ. ڪِچ ۾ گڏجي.
- **دَواڻَ ڏَواڻ**: ٿورو گولائي تي، رنگ ڪارو، ڊيگهہ پنج فوٽ، تور اٺ - نَوَ ڪلو. ڪائڻ ۾ سُٺي.
- **دوٿَرَ**: ڊيگہ ٻہ فوٽ. هيڊري رنگ جا چلر. منهن سنهو. تور چار پنج ڪِلو. ڪائڻ ۾ سٺي.
- **دونَرَ**:
- **ڏُڏ ڏُڏ**: رنگ اڇو. ڊيگهہ ٽي فوٽ. تور چارڪلو.
- **ڏَنواڻ**= دَواڻ، ڏَواڻ.

Gul Hayat Institute




گَل پَتَل

گِسِر





گوتلاڙو ڏَنديو



Gul Hayat Institute

مُوئي






Gul Hayat Institute

- ڏانڊُ: ڇيلري. شڪل گولائي تي. رنگ اڇو. ڊيگهه ٻه فوٽ. تور ٽي ڪلو.
- ڏانٺِي، ڏانٺِي: وڏين مڇين جي هڪ جنس، ڇيلري، رنگ سائو. ڊيگهه چار فوٽ. تور اڌمڻ.
- ڏاهِي: مني جي مڇيءَ، پر جنتي منو ۽ ڪارو پاٽي گڏجي اتي ٻه رهي. (شاهبندر وارن ڏاهي کي ڪاري جي مڇي ڪري ڳڻيو.)
- ڏنديو: ڇيلري. رنگ اڇو. شڪل گولائي تي. ڊيگهه ست اٺ انچ. تور ٽي پاءِ. ڪائڻ ۾ لذيذ.
- ڏيڏرِ:
- ڊانبو: هيٺ مارِي ۾ رهي.
- ڊِيگڙِي:
- ڍانگِرِي: وڏين مڇين جي هڪ جنس. ڇلِري. رمنگ اڇو. ڊيگهه پنج فوٽ. ٻت ۾ ويڪري. تور ڏيڍمڻ.
- ڍَڍِي: رنگ اڇو. ڊيگهه ڇهه انچ. تور هڪ پاءَ.
- رُڪو: رنگ اڇو، ڊيگهه ڇهه انچ. تور هڪ پاءُ.
- رِنجِي، رِنگِي: رنگ اڇو. ڊيگهه ڇهه انچ، تور اڌ پاءَ.
- رِنگڻ: وڏين مڇين جي هڪ جنس. ڇيلري. رنگ

Gul Hayat Institute

هيدبرو. ڊيگهہ پنج فوٽ. تور منومڻ.

- **سارم:** سُرمائي رنگ. تور اڍائي ڪِلو، ڪاڇي ڪانہ.
- **سائِي**
- **سُرمائي:** گور جي نموني تي پر ننڍي، ڊيگهہ پوٽا ٻہ فوٽ. ننڍي جي تور تي ڪِلو، وڏي تہ پنج ڪِلو.
- **سَنگرو:** وڏي مڇي. مُنڍي جهڙو، پر گهٽو وڏو. ٻاهر سمنڊ ۾ رهي ۽ اندر ڪونہ اچي. ڊيگهہ ڏهہ فوٽ. تور ٽي چار مڻ.
- **سِنگهہ:** تور چار ڪِلو.
- **سولَ:** رنگ اڇو ميرڙو. ڊيگهہ هڪ فوٽ. تور هڪ ڪلو.
- **سوناف**
- **سُوئو:** وڏين مڇين مان هڪ جنس، ڇيلري. رنگ هيڊبرو، ڊيگهہ ڇہ ست فوٽ. تور ٽيهہ ڪِلو. (هن جي ڦوٽي بہ هن وقت ١٢٥ روپين ۾ وڪامي ٿي).
- **سئِري، سئِيرِي:** ڇيلري. رنگ اڇو. منهن سنهو. ڊيگهہ چار فوٽ. تور ويهہ ڪِلو. ”سُوئو“ مڇي سان گڏ رهي، ۽ پڻ جدا رهي. هن جي خاص سڃاڻپ اها جو ڊِرڪي، يعني

Gul Hayat Institute

آواز ڪري جو چڻ ڳالهائي.

- **سِيرول، سيَري**= مڱيو
- **سيَري، سيري**: رنگ ڪارو. لُهڙ واري نموني تي. پکن بدران ٻج جيڪي پکن جو ڪم ڏين. مثال ڪنڊا ۽ زهريلو ڪنڊو تئيس جيڪو هٽي تہ سخت سور ٿئي. ڊيگهہ ٽي انچ. تور پنج تولا (ڇٽانگ). ڪاڇي ڪانہ. گند ۾ گڏين.
- **سِيمَ**: ننڍي مڇي. دواڻ جو قسم. ڊيگهہ چار پنج انچ.
- **سِنِئَر**: ننڍڙا سنهڙا چلر. وڏين مڇين جي هڪ جنس، ٻہ قسم: ١، ڦوٽائي سِيئرُ جيڪو وڏو ٿئي، ڊيگهہ اٺ فوٽ. تور اڌ مڻ. ٢. جَئِيرو سِيئر: جيڪو ننڍو ٿئي. ڊيگهہ چار فوٽ. تور ڏهہ ڪلو.
- **سِيئَري**: وڏو تہ سيئَر، ننڍي تہ سِيئرِي، سُئِيرِي ڊرڪي (آواز ڪري)، پر سِيئَري ڊرڪي ڪانہ.
- **شير**: رنگ هيڊرو. ڊيگهہ ٻہ فوٽ. وزن ٽي ڪلو.
- **عربي**:
- **ڦاڙَ**: ’موراڪي‘ جهڙي سهٽي سني. رنگ اڇو.

Gul Hayat Institute

ڊيگهہ ٻہ فوٽ. تور ٽي ڪلو.

- **ڦاٽي، ڦاٽ، ٻُونڦاڙ:** چيلري. رنگ اڇيرڙو ميرو. پاٽي واري وارياسي گپ ۾ ٽبي هٽي اندران اندر هلي چڙ پون ۽ ڦاڙيندڙ وجي. هڪ گولائي تي، ڊيگهہ هڪ فوٽ ۽ تور هڪ ڪلو؛ ٻي ڪيٽر (sole)† ڊگهيرڙي، ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ.
- **ڦرا، ڦرهَ:** ننڍي مڇي، چيلري، رنگ اڇو. موري جيڏي. ڊيگهہ ڇهہ انچ. تور پنجن تولن کان اڌ پاء تائين. ڪاڄي ٿي.
- **ڦِڙُون:** ڦِٽو.
- **ڦڱو**
- **ڦِٽُو:** پيٽ اڇيرڙو ۽ ان تي هيڊرا ٽڪا. ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ ۽ ويڪر هڪ فوٽ: منهن چتون جي ڇهنب وانگر وريل. تور چار ڪلو.
- **ڦوڪيو، فوڪيو:** ڏاند جو قسم. ڊيگهہ ٻہ فوٽ. تور ٻہ ڪلو.
- **ڦوهيو، فوُهيو:** ڊيگهہ مُنو فوٽ.
- **ڪارو ڏنديو:** ڏنديي جي هڪ جنس


**ڪاريڙي، ڪاريلي:** ڊيگهہ پنج انچ، تور اڌ پاء. مڇيء جو ڳاهہ ٿئي پر ڪاڄي بہ ٿي.

Gul Hayat Institute


- **ڪانديري:**
- **ڪُنَئِين:** تور اڌ ڪلو، ڪاڇي ڪانءُ.
- **ڪَچڪ، ڪِچَڪ:** چيلري. ننڍڙي مڇي. ڊيگھه ٽي انچ، تور هڪ ڇٽانگ. اڪثر ڪيٽِ ۾ گڏجي.
- **ڪرگاڻ، ڪرگڻ:** چيلري. رنگ ڪارو، پيٽ اڇو، ڊيگھه ٽي فوٽ. تور ٽي ڪلو. ڪائجي ٽي، پر گھڻو ڪري لُوٽي (لوڻ ڏيئي) باهر موڪلين. (ڪن جي چوڻ موجب 'ڪُرگڻِ' جدا جنس).
- **ڪرَنا:** ڪاري جي وڏين مڇين مان، تور ٽي ڪلو
- **ڪرَهو:**
- **ڪَڪاڻَ:** ڊيگھه اڍائي فوٽ. هيٺ ماڙي ۾ رهي.
- **ڪَلِي:** هن جو پيو قسم 'بارَ ڪَلي'
- **ڪُندَ، ڪُندُ:** چيلري. رنگ اڇو. ڊيگھه اٺ فوٽ. تور چاليهه ڪلو.
- **ڪِنگ:**
- **ڪَنگو، ڪُنگو:** ڊيگھه پنج فوٽ. مُنهن چنهنب وارو جيڪا ڏيڍ فوٽ ڊگھي. (جڻ ڊُلفين جو قسم) تور چارڪلو. هِت ڪاڇي ڪانءُ.
- **ڪُونبلو:** ڊيگھه ڇهه انچ. ڪاڇي ڪانءُ. ڪيٽِ ۾



Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute


سيڙو
ماري جي فاني
سيڙو
پيتو
ڊويار
گُرُو
ڪنڊي وارو گُرُ
گول گُو
پيتو
گُرُ

گڏين ۽ پاڻ ۾ ڪم اچي.

- **ڪُوئِين، ڪَئِين :** گول، منهن ننڍڙو، تور هڪ ڪِلو.
- **ڪيرِي:**
- **ڪارَڪَ:** ڊيگهه ٽي انچ. مڇي جو ڳاه ٿئي ۽ ڪِچِ ۾ گڏين.
- **ڪاسو:** ننڍڙي مڇي. سُڪائي رکجي تہ ڪاڄي. پڻ مڇي جو ڳاهہ ٿئي.
- **ڪوپرو:** 'ڏاند' مڇيءَ جو هڪ قسم. منهن سنهون
- **ڪوڪَرَ:** ڇيلري. پَڪرا اٿس. تور اڍائي ڪلو. ہہ قسم: هڪ ٻاڇُو ڪوڪر ٻي سنڌي ڪوڪر. ڪائڻ ۾ لذيذ. (رڌي ڪان پوءِ هن جو گوشت سخت ٿئي).
- **ڪيٽر:** 'ڦاٽي' جو هڪ قسم. ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ.
- **گانگٽ ڪارائي :** نالو اهو، پر آهي مڇي. ڪاڄي ڪانہ.

Gul Hayat Institute

- **گپِرِي:**
- **گِدَڙِ :** گيدڙ
- **گُرگِليا، گُرگلا :**
- **گِسرَ گِسرُ:** هيٺ مارِي لڳ رهي. ڊيگهہ اٺ فوٽ. تور ٻارهن ڪِلو. شهر ۾ ڪاڄي ٿي، ۽ پڻ ماس لوٽي ٻاهر موڪلين.

- ڳُڳڙو، ڳُڳلو
- ڳلامَ:
- ڳورَ: وڏين مڇين جي هڪ جنس. شڪل گولائين رنگ ميرو. ڊيگهہ اٺ فوٽ، تور ٽيهہ ڪلو. ’ڳور‘ جدا ۽ ’سُرمائي‘ جدا جنس آهي.
- ڳوڪَ: ننڍڙي مڇي. تور پنج تولا. ڪاچي ڪانہ. ڪچ ۾ گڏين.
- ڳولِي: ڪاري جي سنين مڇين جي هڪ جنس. رنگ اڇو، ڊيگهہ ٽي فوٽ تور ٻارهن ڪلو.
- ڳيدڻ، ٻيڏڻ، ٻيدِڙ: دواڻ جو هڪ قسم. ماس ڳاڙهو.
- ڳيرِي: ڇيلري. تلوار جهڙي. رنگ اڇو. ڊيگهہ ٻہ فوٽ. تور ٻہ ڪلو

ڳيمَ: ڇوڏي جهڙي پر ڇوڏي کان وڏي

Gul Hayat Institute

- ڳهمَڻ
- ڳهوڙو: وڏي ۾ وڏين مڇين جي هڪ جنس. ڊيگهہ ٻارهن کان پنڌرهن فوٽ، وڏن ڪنين واري. سنهڙا ڇلر، تور ٽي مڻ. هت ڪاچي ڪونہ، باقي ماس جا ٽڪر ٽڪر ڪري لوڻي، ٻاهر موڪلين.

- لِچِکُ، لَچِکُ: (مذکر نالو). ليئي. رنگ سرمائي. سنهو ٿئي. ڊيگهہ چار فوٽ، تور ڇهہ ڪلو.
- لِچَڙِ: ننڍي مڇي، تور هڪ پاء
- لُوجَرِي: ڇوڏي
- لُهِڙَ لَوَڙَ: سمنڊ جي لُهڙ. رنگ ڳاڙهو. ڊيگهہ هڪ فوٽ ڪن، تور اڌ پاء. ڪاڇي ڪانہ.
- لُوئَرَ لُوئَرِ: ڇيلري. ٻہ قسم: هڪ مُياري، ٻي ڄَيري. رنگ اڇو. ڊيگهہ ڇهہ انچ. تور هڪ ڇٽانگ. مَڇيءَ جو ڳاهُ، ڪاڇي ڪانہ.
- مانگِيڻو: (مذکر نالو) 'ڦاڙ' جي جنس، پر ڦاڙ کان ننڍو ۽ ڇوڏي کان وڏو. تور هڪ ڪلو.
- ماهي:
- مِٺُو، مِٺُون: ننڍڙي مڇي. رنگ اڇو. ڊيگهہ ٻہ- ٽي انچ. تور ٻہ-ٽي تولا... ڪاڇي ٽي پر اڪثر مڇيءَ جو ڳاهہ.
- مُرو
- مُشڪو: ڇيلري، رنگ اڇيرڙو هيڊرو. سنها سنها ڇلر. ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ. تور ٻہ ڪِلو.
- مگيو: تور ڏيڍ ڪلو.
- مُلان: هيٺ ماري ۾ رهي. گولائين شڪل. ڊيگهہ

Gul Hayat Institute

ڏيڍ فوٽ. تور ٽي ڪلو .

- مُنڍي: ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ
- مُنڍي ڪارائي : ڦاڙ جهڙي، تور هڪ ڪلو تائين.
- مور: مٿان هيٺان ڪارا ٽڪا. تور پنج- ڇهہ ڪلو. ڪائجي ٿي.
- موري، مُوري: ننڍڙي مڇي. ڊيگهہ پنج انچ. تور پنج تولا. ڪاجي ٿي، پر اڪثر ڪچ ۾ ڪم اچي. شاهبندر طرف نالو 'چيري' .
- مُهُور: رنگ اڇو. ڊيگهہ اڌ فوٽ. تور هڪ پاءُ.
- مينگ: ڊيگهہ ٽي فوٽ.
- مُيو: ٻہ قسم: ننڍو ۽ وڏو، هن جي ڪاري پٺي جي رس مس طور ڪم آڻين جيڪا پڪي ۽ اَٽ مٽ ٿئي. ڪاچي ڪانہ.
- ويسارُ:
- هڪو: رنگ اڇو. ڊيگهہ ڇهہ انچ. تور هڪ پاءُ.
- هيرو: ڇيلري. ٻاڙهيرڙو رنگ. منهن سنهون. ڊيگهہ اڍائي فوٽ. تور پنج ڪلو.

---

Gul Hayat Institute

# پاڳو ڇهون

# ڪاري جي منگرن جي نالي وار فهرست

جدا جدا ماڳن ۽ مياڻين تي پڇا ڪندي منگرن جا نالا جئن مليا تئن انهن کي قلمبند ڪيو ويو. اِهي جملي نالا هن فهرست ۾ شامل آهن. ڪن منگرن جا رڳو نالا مليا پر وڌيڪ تفصيل ملي نہ سگهيو. ٻڌل ڳالهين کان اڪين ڏٺي ڳالهہ وڌيڪ آهي. هي تحقيق مڪمل تڏهن ٿيندي جڏهن علمي سائنسي روشني ۾ منگرن جي هر جنس جي سڃاڻپ ڪجي، هي ابتدائي ڪوشش جيڪا اُن ڏس ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

- **اَنڌِي مَنگرِ:** تمام ڊگهي وڏي. ڊيگهہ ڏيڍ سؤ فوٽن تائين ۽ تور ڇهن سون مڻن کان مٿي. پاسن کان گڏهہ جي ڪَن وانگر ٽي فوٽ ڊگها ۽ منو فوٽ ويڪرا ڪن اٿس. 'انڌي منگر' انهيءَ ڪري سڏجي جو ٻاهر وڏي سمنڊ جي هيٺ تَري ۾ رهي. ڪنهن اتفاق سان مٿي اچي تہ جڻ ڏسي ڪانہ سگهي ۽ اچي نَرنِ ڪاڏِينِ ۾ لڳي. سنڌ

جي ڪناري لڳ اهڙي هڪ انڌي منگر جي جيري مان تي سو ڍبا تيل جا ڪڍيائون.

- اَٿيان مورُ: ڊيگهہ پنجاهہ فوٽ. ”ڪندري“ منگر وانگر ٻِتوبوت. ڪتي ۽ چاڙا (چيت) مِرهن جو شڪار ٿئي. هن جو ننڍو ٻچو ’مور‘ ڪاجي ٿو.
- ٻُٿُرُ: ڊيگهہ پندرهن فوٽ. مٿي وٽ پاسن تي نڪتل چنهنبون يا سڱ. وهہ مان تيل نڪري. ٻُٿرڪي هَڙُونڊو بہ چون.
- ٻُٿِرِي= ٻُٿُرُ
- ٻِلي: منهن ٻِليءَ جهڙو ڪاريڙي رنگ تي بت تي چِٽا. ڊيگهہ ٻہ فوٽن تائين. تور تي ڪلو، پُوسٽي (= ٻلي) بہ سڏجي.
- پارَڪَرِي، مارَڪَلِي: ڊيگهہ ڇهہ فوٽ، پَڪ ڪارا
- پاڳاس: ڪڏي وارن وٽان تصديق ٿي نہ منگر آهي، پر هڪ مڇي جو نالو بہ ”پاڳاس“ آهي
- پِشَڪ، پيشڪ: ڪڏي وارن وٽان تصديق ٿي نہ منگر آهي
- پَنبا، پَنبان: سنهوآهي. ڪن اٿس، ۽ پُنيءَ تي هڪ پَڪرو. ڊيگهہ ٻہ فوٽ.
- پَنبِي = پنبا



Gul Hayat Institute

- پُوسَٽي = ٻلي.
- پولَڙُ
- تاٻي : ڊيگهہ ٽي فوٽ. مالار جهڙو پر ننڍو. تارون ۾ ٽُنگ جتان مٿي پاٽي جي ڦُوڪ هٽي.
- چِٽو، چِٽرو
- ڊِيهَر
- ڏاڪو: ڪن چيو تہ مڇي آهي. وڌيڪ تحقيق طلب؟
- ٻوڪان: آڏو ٻہ سڱ (پاسن تي سڌا) ۽ اڪيون سڱن جي چوٽين ۾. ڊيگهہ پنج فوٽ.
- ڏَنڌَڻُ: خاڪي سليٽي رنگ. ڊيگهہ ڏهہ - ٻارهن فوٽ. تور ٢٥ - ٣٠ مڻ. وَهہ مان تيل نڪري.
- سائِڪُ: ڊيگهہ ٻہ فوٽ
- سَت ٿَرِي، سَت ٿري، سَت سَري: ڊيگهہ ٽي چار فوٽ. تور پنج ڪلو. وهہ مان تيل نڪري
- سِڏ: ڊيگهہ ڏهہ – ٻارهن فوٽ. ڏند اٿس. مڇي کي ڏڪ هٽي ڪائي.
- سِڌِيرُو: ڊيگهہ ست فوٽ، تور ويهہ ڪلو
- سِيَافَرُ: ڊيگهہ ٻارهن فوٽ
- سِيرول، سِيرڪ: 'ڏالفن' جو قسم. هن جو ٻيو نالو 'مگيو'

Gul Hayat Institute

- سِيل: ڊيگهہ ڏهہ فوٽ. مٿان اڇا ٽَپ ٽَپ. آڏو ٽوري
چنهنب، 'ڊالفن' جي قسم ٽي.
- ڪارِنجُ: هن جي وَهہ مان تيل نِڪري
- ڪارِينگڙيو: منگر آهي ۽ ڪاڄي ٿو
- ڪاناٽو: منهن ڊگهيرو سنهون، مٿان ننڍا ننڍا ٽپ.
ڪي چون ڪاناٽو وڏو منگر ۽ 'ڪاناٽي'
ننڍو ٻچو: ٻيا چوندا ڪاناٽي وڏو منگر ۽
ڪاناٽو يا ڪَنات ننڍو ٻچو.
- ڪاناٽي : ڪاناٽو
- ڪائِرُ: ڊيگهہ ڏهہ فوٽ، مٿان اڇا چٽا.
- ڪايُون: پڪڙيون ڪاريون. ٽور ٽي چار ڪلو. ڪاڄي ٿو.
- ڪَتَرُ: ڊيگهہ پنج فوٽ.
- ڪُتِي : رنگ ڪارو. ٽور پنڌرهن ڪلو.
- ڪَرَ: منهن سنهو. طاقتور. وهہ مان تيل نڪري
- ڪَڪڙ: ڪَڪڙ ڪُسو.
- ڪَنات، ڪاناٽو: ننڍي ۾ ننڍو منگرو. ڪاناٽي جو
ٻچو. ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ ۽ ٽور سوا ڪلو.
ڪاڄي ٿو.
- ڪَندَرِي: وڏي ڪاري مَنگرِ. ڊيگهہ چاليهہ فوٽ.
اُٽيان مور وانگر پٽو ٻوٽ . ڪنڌ ۾
نيشان. وهہ مان تيل ڪري.

Gul Hayat Institute

- **ڪورِي:** ڊيگهہ ٻہ فوٽ.
- **ڪولو ڳَهير:**
- **ڪولي، ڪول:** چوهڙ جمالي ۾ ملاحن چيو تہ انهيءَ نالي وارو منگر آهي.
- **ڪينُ ڪَينُ ڪيري:** ڊيگهہ ڇهہ ست فوٽ. مٿان ڪارا اڇا ٽڪا ٽڪا. آڏو منهن وٽان ترار مثل سڌي هڏي (جنهن کي ڏندا ناهن). آنا ڪري.
- **کِهِرُ**= ڪير
- **ڪَٽيٽُ:** ڊيگهہ ٻہ فوٽ. پڪڙيون ڪاريون. 'ڪايون' جهڙو

**ڪَٽيپُ، ڪَٽو:** ڊيگهہ چار فوٽ. (ڪن جي چوڻ موجب، ڪٽيپ ۽ ڪٽيت ساڳي ڳالهہ).

- **ڪَڪڙ ڪُسو:** ڊيگهہ ڏيڍ فوٽ
- **ڳُسِي، ڳوسِي:** ڊيگهہ ٻارهن فوٽ. مٿان اڇا ٽَپ ٽَپ. ان جو مور (ننڍو ٻچو) ڪاڄي ٿو.
- **ڳوسيو**= ڳُسي
- **ڳنير**
- **لِچڪ:** ڊيگهہ ٻہ فوٽ
- **لَونُ:** ڊيگهہ ڏهہ فوٽ. رنگ سائو، منهن ٿلهو ۽ پوٻان سنهون. ماڻهو سان وڙهي، وهہ مان

Gul Hayat Institute

تيل نڪري.

- لِيارو: ڊيگهہ ١٥- ٢٠ فوٽ. منهن وٽان آڏو سڌي ترار ٿي فوٽ ڊگهي، جنهن جي پاسن کان ڏندا. آنا ڪري.
- مالارُ: ٻہ قسم. هڪ وڏو ٻيو ننڍو. وڏو ڊيگهہ ۾ اٺ فوٽ، منهن ڊگهو، تارون ۾ تنگ جتان پاٽي جي ڦوڪ مٿي هٽي.
- مَندريو: سامهون تلوار اٿس. آنا ڪري.
- مَنيو: ڊيگهہ چار فوٽ. گول منهن.
- مَنگرِ= ننڍي منگر.
- مور منگر: ٻہ قسم: ١. پُراڻو مور، رنگ سُرمائي، پيٽ اڇيرو. تور پندرهن ڪلو. ڪاچي ٿو ۽ ڪائڻ ۾ سنو ٢. نئون مور. پُنن وارو رنگ ڪارو سرمائي ۽ پيٽ اڇو ڳاڙهيرڙو. تور چار ڪلو. چيٽ واري مهيني ۾ هن جو شڪار ٿئي. ڪاچي ٿو، ۽ ڪائڻ ۾ لذيذ.
- مُوئِي: رنگ ۾ ميري، پيٽ اڇو. ڊيگهہ ڏهہ فوٽ
- مُيا پُ: رنگ سائو. ڊيگهہ چار فوٽ.
- مُيو: ڊيگهہ پنج فوٽ. ڪاچي ٿو.
- ننڍي منگرَ: جيڪا اندر اچي ٿي، ڊيگهہ چاليهہ فوٽ.



Gul Hayat Institute

- واکِيڻ: ڊيگھه پنڌرهن کان ويهن فوٽن تائين. سامهون تلوار. آنا ڪري. هٿ ڪاڇي ڪونه ٿو، پر ماس لوٽي ٻاهر موڪلين.
- وِچڻ: ماٺهو سان وڙهي.
- وِهِرَ ويرَ: ڊيگھه چاليهه فوٽ. آڏو ڊگھي تلوار. ڏندن سان، آنا ڪري.
- وِيسَرُ: وڏي ۾ وڏو منگر. ڊيگھه هڪ سو فوٽن تائين ۽ مٿي. ڪاري رنگ تي. مالار وانگر ڦوڪ هٽي ته مٿي پاڻيءَ جو منارو نهي وڃي جيڪو پري کان پنڌرهن ميلن تائين ڏسجي. جَنگيسَر جي گهاتوئن انن نَوَن وامن کان ٻاهر تي ڏنو. ڇهن سٺن وامن تي لڳي رهي ٿو. نَر ۾ ڪونه اچي.
- وِيلڙو: ڊيگھه پنڌرهن فوٽن تائين ۽ تور ويهن مڻن تائين. ويلڙو وڏي ويسر منگر کي لڳي ٿو ۽ ٽڪر ٽڪر ڪري پٽيس ٿو. ويسر ان کان ڊجي ۽ ڀڄي.
- هاروڙ منگر:
- هَڙوَنڊِو: ڊيگھه پنڌرهن فوٽ. وَهه مان تيل نڪري. کي ٻُٽر کي به هَڙونڊو چون.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

چتروپٹ